# ڳوناٺو ڳڙ

**سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون**

ڄاڃي لعل.ڊي . آهوجا ’طائر‘

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

# فهرست

1. فهرست

2. سادا اکر

3. مقدمو

4. متن

5. ڏسٽي

# سادا اکر

لکمي کلاٽي ۽ ٻيا سنڌي اديب انڊيا کان سال ٢٠٠٦ ۾ آيل هيا. نثار حسيني مرحوم پنهنجي جاءِ تي سندن مان ۾شام يا گڏجاڻي رکي هئي. اتفاق سان مان بہ آفيس جي ڪم سانگي ان ڏينهن حيدرآباد ۾ هيس، جنهنڪري ناز سنائي ۽ سان گڏجي پروگرام ۾ شرڪت جو موقعو ملي ويو . سنڌ جا ڪيترا ئي اديب يا ادب دوست پڻ آيل هيا . محمد نواز نوناري مرحوم پڻ مرحوم حيدر علي لغاري ۽ سان گڏ آيل هيو. ڏسندي ئي ڏاڍو اڪير سان مليو . ملڻ شرط اپڪائي چيائين: "اڄ جيڪڏهن مون وٽ هلين تہ ڪجھ سنڌوءَ جا پرچا ڏيانءِ."

سنڌو رسالي جي ڪن پرچن، جن ۾ جيڪب آباد جي جهونن اديبن بابت معلومات هجي، تن جي مونکي پڻ ڳولا هئي. سال ١٩٣٩ع جا جولاءِ کان ڊسمبر تائين جلد ٻڌل پر چا نورالحق جکراڻيءَ جي سگِ سلطاني لائبرريءَ مان اڌارا ورتا هيم. اهڙو ئي ڇهن مهينن، جنوري کان جون ١٩٤٢ع، جو سيٽ پڻ سائين الطاف گوهر پيچوهو صاحب ڏنو هيم.

محمد نواز صاحب، ناز سنائيءَ جي موجودگيءَ ۾، جيڪي پرچا ڏنا سي مڪمل طرح پُٺا هيا. جلد بہ نڪتل هين. هٿ وجهڻ سان پنا پور پور پئي ٿيا . پر هيا پوري سال ١٩٤٢ع جا. منجهن آگسٽ ١٩٤٢ واري مخزن ۾ هڪڙي مضمون: ڳوناٽو ڳڙ جي قسط نمبر چار ڇپيل هئي . جنهنجي منڍ ۾ ايڊيٽر صاحب جو هنن لفظن ۾ نوٽ لڳل هيو : ڳوناٽي ڳڙ جي چوٿين قسط اتفاقًا رهجي وئي هئي سا هيٺ ڏجي ٿي.

چوٿين نمبر قسط ۾ ٣٥ پهاڪا / چوٽيون يا ورجيسون، ١٠٦ نمبر کان١٤٠ نمبر تائين، درج ٿيل هيا.

قسط ڏسڻ شرط اڳي ڇپيل قسطن ۽ بعد ۾ ڇپيل قسطن ڳولهڻ ڏانهن ڌيان هليو ويو . گهر اچي ڏٺم تہ مون وٽ موجود ڪنهن بہ پرچي ۾ يعني ١٩٤٢ع جي پهرين ڇهن ۽ ١٩٣٩ جي پوين ڇهن پرچن ۾، ڳوناٽو ڳڙ جي ڪا بہ قسط نہ هليل هئي.

هاڻي انهن پرچن جي ڳولا ۾ لڳي ويس جن ۾ بقايا قسطون ڇپيل هيون.

هڪ دفعي ناز سنائيءَ، فون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي، ٻڌايو: "سنڌالاجيءَ طرفان ڇپيل ڪئٽالاگ، ١٩٤٧ کان اڳ وارن ڪتابن، ۾ڳوناٽو ڳڙ ڪتاب جو ذڪر ملي ٿو."

ساڻس اتفاق سانگي شاهنواز ڀٽو لائبرري لاڙڪاڻو ۽ سنڌالاجيءَ وڃڻ ٿيو. ٻنهي هنڌ، ڇپيل ڪتاب تہ نہ مليو، البتہ سائين محمد انس راڄپر صاحب جي تعاون ۽ محنت سان سنڌوءَ جا اهي پرچا ملي ويا جن ۾ اڳيون قسطون شايع ٿيل هيون. سائين سال ١٩٤١ع جي پوين ڇهن مهينن جا پرچا ڪڍي آيو، جن ۾ پهريون ٽي قسطون: جولاءِ، آگسٽ ۽ آڪٽوبر جي پرچن ۾، ۽ پنجين ۽ آخري قسط ڊسمبر واري پرچي ۾ شايع ٿيل هيون . منجهس ١٤١ کان ١٧٥ تائين داخلائون هيون.

پنجين قسط جي آخر ۾ جاجي لال ڊي آهوجا طائر طرفان هينيون نوٽ لکيل هيو:

" ڳوناٽو ڳڙ جو سلسلو هن سان ختم ٿيو . آشا آهي تہ سنڌ ساهتڪارن کي ان کان چڱو ئي ميناڄ مليو هوندو. اهڙا پهاڪا ۽ چوٽيون، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جام آهن . اهڙين طرزن تي ڇيل ڪيتريون ئي اخلاق جي درجي کان ڪريل فاحش چوٽيون پڻ گهٽي تعداد ۾ هٿ آيون آهن پر انهن کي سنڌي ساهتيہ جي لڙھ ۾ پوئڻ چڱو نہ ڄاڻي، نظر انداز ڪري ڇڏيم. هر هڪ ڳوٺ ۽ شهر تي وري جدا جدا چوٽيون چيل آهن، سي وري ڪنهن ٻئي دفع سنڌي ساهتيہ پريمين اڳيان پيش رکبا. باقي رهيا ڳوناٽا اصطلاح ۽ الفاظ، جن جي چنڊ ڇاڻ ڪنهن وقت ڪئي ويندي."

انهيءَ نوٽ مان سمجھ ۾ آيو تہ ڪتاب، سال ١٩٤١ع ۾ ئي پورو ٿي ويو هيو . اتفاق سان، منجهانئس چوٿين قسط رهجي وئي هئي، جيڪا ايڊيٽر صاحب مٿيون نوٽ هڻي آگسٽ ١٩٤٢ع واري پرچي ۾ شايع ڪئي هئي.

هر قسط ۾ ٣٥ داخلائون هيون. جملي ١٧٥ داخلائون هيون. اتفاق سان ٿي داخلائون نمبر ٣٥، ٧٠ ۽ ١١٥ واريون وچ ۾ ڇڏجي ويل آهن. ٻہ داخلائون ورجايل آهن. نمبر ٥٨ ۽ ١٣٥ تي ساڳي داخلا: منهن ملان جو، اکيون چو ر جون، ڏنل آهي. نمبر ٨٦ ۽ ١٦٧ تي ساڳي داخلا: پيٽ ۾ نانهن روٽيان، سيئي ڳالهيان ڪوٽيان، ڏنل آهي . جڏهن تہ ١٧٥ واري داخلا کان پوءِ ٽي داخلائون وري بنا نمبر جي ڏنل آهن. انهيءَ حساب سان ملائي سلائي ١٧٣ داخلائون بيهن ٿيون.

هن ڪتاب جي ايڊٽ ٿيل version ۾مٿي ڄاڻايل مڙني دوستن جو تعاون شامل رهيو آهي. شايد انهن جي تعاون ۽ خاص ڪري سنڌالاجيءَ ۾ ڪم ڪندڙ غلام قادر گهانگهرو جي مدد ڪانسوا ءِ ڪم هيلتائين مڪمل نہ ٿي سگهي ها . تنهنڪري مڙني جو ٿورو مڃڻ ضروري آهي.

هٿ آيل پرچا اٿلائڻ سان ڄاڃي لال ڊي آهوجا طائر بابت ٻي ڪا معلومات تہ ڪا ن ہ هٿ اچي سگهي باقي منجهس سندس ڪيترائي هيٺ ڄاڻايل مضمون شايع ٿيل هيا. تن مان سندس علم دانيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

# مقدمو (مؤلف طرفان)

ڳوناٽا ٿين ڳالهين جا ڳوترا / ڳهير. بهاري وري تڏهن ٿئي، جڏهن چونڪ /اوطاق ۾ چلم (حقي) جي چوڌاري ويهي، اوپاريون لهواريون ويهي ڪندا آهن . ڳالهين کي مرچ مصالحا (۽ چهر چٽڻيون ) لڳائي اهڙي ته سلوٽي نموني سٽائيندا، جو ان ڳوناٽي چهر جو سواد ئي ٻيو. "ڳوناٽي ڳٽڙ" جو ميناج، مڙني کان مور ڪين وسرندو.

- ساهتيہ جو سينگار، آهہ ٻهراڙيءَ جي گفتار.

ٻهراڙيءَ جي ٻوليءَ ۾، پهاڪن جي سڳنڌ جام . ڪاغذ ۽ قلم ڪٽي وجي موتي جهٽيندو . چڻ چڻ پئي پوندي . ڪو رڳو ٻُڪَ جهلي، يا جهولي جهلي.

- نڪا گهٽ گهوٽ ۾، نڪا ڪمي ڪنوار ۾.

زالون ته وري مڙسالن کان بہ گوءِ کٽي وڃن . گهر ۾ اٿندي ويهندي پوئيون چوٽيون چونديون ۽ پهاڪن جون پلٽاپلٽ ڪنديون. ٽپي ٽپي تي ٽوٽڪو ۽ چپي چپي تي چوٽي. سي بہ اوقٽو سوقٽو نہ، پر سهٽيون ۽ سيبائٽيون . ائين پيون مٺ اوڳاڇينديون. ڪراڙيون تہ تيهان زور. ننڍين نيٽين کي بہ پهاڪا چڱا اچن . پر جيئن ئي ڳيوراڙي يا ٻار ڪڇ لڳس، تيئن ئي چوٽيون پنهنجو پاڻ پيئيهن وات مان وهندس.

سڳوري سنڌي (ساهت) ڪا غريب ڪينهي، بلڪ دنيا جي شاهوڪار ٻولين منجهان هڪ آهي . هر ڳوٺ يا علائقي، واهڻ يا وستيءَ کي پنهنجا پنهنجا پهاڪا ۽ اصطلاح آهن . جيڪڏهن سمورا، سنڌي ساهتيہ جي لڙهہ / مالها ۾ پوئجن تہ فرحتي زيب ۽ زينت ڪن. سنڌڙيءَ جو ساهتيہ، سچ پچ آهي ئي ڳونن ۾. شل سنڌڙيءَ جا ڳوٺ وسن.

هن ليک ۾ منهنجو ارادو فقط ڳوناٽن ۾ مروج يا هالوچالو پهاڪا، وايون ۽ چوٽيون، جيڪي گهٽو ڪري ڪتابن ۾ درج ڪين ڪيل آهن، سي پڙهندڙن آڏو پيش ڪرڻ آهن . اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ٻيا جوان بہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان نڪري نروار ٿيا ۽ پهاڪن جي پلٽ پلٽان شروع ٿي تہ سنڌي ٻولي پنهنج و پاڻ سڌرندي ويندي. ٻين ٻولين جهڙوڪ عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻوليءَ جي اکرن جي اوڙڪ کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪاهي پوڻ کان ٻنجو اچي ويندو. سنڌ ۾، ائين ڪرڻ سان، وري جڻ شاهہ ۽ سچل پارن جو دور چالو ٿي ويندو.

ڌيان/ خيال سان جاچبو تہ نظر ايندو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اکرن جي اٽاٽ ناهي. اٽاٽ فقط، اپياس جي آهي.

- جو ٽٻي ڏئي، سو ٽول لهي.
- پنڌ ڪئي بنا، ڪو ننگر نہ پهتو آهي.
- طعام جي نالي ڳڌي، نہ سواد اچي ۽ نہ اڃ/ بک لهي.

اهڙا پهاڪا ۽ چوٽيون، سنڌيءَ ۾ انيڪ آهن. ڪو کيڙائو هجي، جو ويهي ڪارو کيڙي.

نموني جي طور، سنڌيءَ ساهت جي خرار مان، پڙهندڙن لاءِ مٺ موتين جي پيش ڪجي ٿي.

(سنڌو جيڪب آباد 42-1941ع تان کنيل)

# متن ڳوناٽو ڳڙ

### 1. آلا نور، متي جا سور (ورجيس)

آلا: آلي جو جمع، ٻڳل، ٻُسيل.

آلاٰ: اعلىٰ جي بگڙيل صورت. اعلىٰ: مٿانهون/ اوچو.

اعلي نور: اهو نور، روشني يا هدايت يا عقل ۽ فهم، جيڪو اعلىٰ يا اتم هجي.

جيڪو ماڻهو، صلاح ڏيڻ يا ڏاه ڏيڻ کان پوءِ به ڏسيل رستي تي نه هلي ته سندس عقل تي چڙ ايندي آهي. چڙ ۾ به گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان ا حترا ز ڪندي، پنهنجي اولاد وغيره لاءِ بيعقل وغيره جهڙا لفظ ڪتب نه آڻبا آهن . بلڪ ٽوڪ طور ڪيس ”اعلىٰ نور“ يا ”آلا نور“ سڏبو آهي. فقري جي ٻئين حصي ۾ احساس ڏيارڻ لاءِ وري ڳنڍيو آهي ؛ تو وارو عقل ”متي جو سور“ آهي.

**مطلب:**

1.1 ڏس ڏيڻ باوجود غلط ڪم ڪندڙ.

1.2 بيزار ڪندڙ ٻار لاءِ، والدين ائين چون: تون ته ڪو آلو نور آهين!

1.3 اعلىٰ نور، متي جو سور هئڻ (ورجيس)

### 2. آهِي ٽپين، ڪاهي نه ٽپين (ورجيس)

آهي: آهہ، اڌ، ننڍي واهي

ڪاهي: اونهي ۽ ڊگهي کڏ، خندق، Trench, Moat

آهي ٽپڻ ۽ ڪاهي نه ٽپڻ اصطلاح آهن، جيڪي سولي ڪم ڪرڻ ۽ ڏکئي کان احتراز ڪرڻ لا ءِ ڪتب آڻبا آهن. جڏهن ته استعمال ۾ ابتيءَ طرح استعمال ڪبا آهن. يعني: آهي نه ٽپڻ، ڪاهي ٽپڻ.

**مطلب:**

2.1 منو منو هپو هپو، ڪوڙو ڪوڙو ٿو ٿو .

2.2 پيٽيو: کڏ ٽپين، اڌ نه ٽپين .

### 3. آئِيُ ڪي آدر، وئي ڪي پادر (ورجيس)

آئي: آيل، مهمان، ايندڙ دوست

وئي: ويل، مري ويل، لڏي ويل، گذاري ويل

آئي ڪي آدر ڏيڻ ۽ وئي ڪي پادر هڻڻ اصطلاح آهن، جيڪي لنڊي خوشامد لاءِ ڪتب آڻبا آهن.

اخلاقًا ايندڙ جي عزت ڪرڻي آهي ۽ ويندڙ کي به مانُ مرجاءَ سان رخصت ڪرڻو آهي. سندس وئي پڄاڻان، سندس ڳڻ ڳائڻ گهرجن. ائين نه ٿئي جو اچڻ واري لاءِ ته منهن تي مشابهت ڪندي آدر ڀاءُ ڪجي ۽ جڏهن اهو ڪائي پي يا ڪاروهنوار ڪري هليو وڃي ته پرپٺ دل کولي سندس گلا ڪجي: ههڙو تهڙوڪائڻ جو خچرو هيو، رڳو پيٽ پرڻ ۽ ويلو ٽارڻ آيو هيو، فلاڻين شين ۾ نگهه هيس سي ڪڍڻ آيو هيو ۽ ڪٽي ويو،غيره.

**مطلب:**

3.1 ’لنڊي خوشامند‘ کان پاسو ڪجي.

3.2 پيٽو: اڳيان ويا وسري پويان لڳا مصري .

3.3 ايرندي سچ جو سلامي نه ٿجي .

## 4. آيا يار، ملا روزگار (اردو چوڻي/پهاڪو)

خريدار، هر هميشہ واقفڪار دڪاندار تاڙيندو آهي تہ جيئن اوڌر پاڌر تي چڱي شي ءِ، ڪنهن ڀئي صلاحڪار هٿ ڪرڻ جي، ڪانئس وٺي سگهي . اميد هوندي اٿس تہ تور ۾ اٿل ۽ ڪوالٽي ۾ ڪسر، ريٽ ۾ رعايت ۽ اڳهہ ۾ اوڌر، بنا چاڙي هٽڻ جي اتان ئي ملندي.

جڏهن تہ دڪاندار پيو تاڙيندو تہ اهڙا واقفڪار دڪان تي اچن، جيڪي مال پلي اوڌر تي وٺن پر انهيءَ ٿوري سبب شيءِ جي ڪوالٽيءَ ۽ اڳهہ تي گهہ پيهہ نہ ڪن . اعتبار تي اڪيون ٻوتي شيءِ کڻي وڃن ۽ ٻئي ڪنهن دڪان تي چڙهي ان جي پيٽ بہ نہ ڪن.

**مطلب:**

4.1 جيڪي دڪاندار، واقفڪار گراهڪن جي بنا لاهي گاهي جي سڪيءَ پاڪيءَ سان سيرب وٺن، تن لاءِ ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.

4.2 ’يار اچن، چيچڙا وڪامن‘ (پنجابي) .

## 5. اُٺ پوئتان گهنڊڻي (ورجيس)

اٺ جي ڳچيءَ ۾ وڏو چڙو ٻڌبو آهي . خاص طور تي جڏهن واپار جو مال انن تي لڏي، گلو قطاري هلبو آهي، تڏهن پوئين اٺ کي ڳچيءَ ۾ وڏو ٽلو يا چڙو ٻڌبو آهي تہ جيئن پنهنجي وڏي آواز سان اڳئين اٺ تي ويٺل شتربان کي اطلاع ملندو رهي تہ آخري اٺ سميت ، سمورا اٺ قطاريا ٿا اچن . ان ڪان علاوه، چڙي جي آواز تي اڳيان هلندڙ سمورا اٺ هڪلبا هلندا آهن.

اٺ جي ڳچيءَ بدران پڇ ۾ ٻڌل گهنڊڻي، ڪنهن ڪم جي نہ آهي . گهنڊڻيءَ ۾ آواز گهٽ هوندو آهي، ان سان اٺ ڪين هڪلبا آهن.

**مطلب:**

5.1 ڪراڙو ڪاڪو ڪڪرم ڪري، ڪنئاري ۽ ڪچڙي ڪنيا سان لائون لهي تہ ڪيس ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.

5.2 پيريءَ ۾، ننيڙي چوڪريءَ سان شادي ڪرڻ کي اُٺ پوئتان گهنڊڻي ٻڌڻ بہ چئبو آهي.

## 6. اچوڪا ٻاوا، ڪٽ جا پاوا،
## ڪائي ماوا، ڪن ٿا جاوا (چوڻي)

ٻاوا: ٻائو جو جمع . مندر جو رکوالو . جيڪو چڙوچاندڀ هجي ۽ سا ري عمر شادي نہ ڪري، ڏڻ وار تي ٻاڻي پڙهندو آهي.

مندر: جتي ڌرم شالا، پانڪ شالا، پنڊارو ۽ آشرم هجن ۽ پرارٿنا سان گڏ مسڪينن جي شيوا بہ ٿيندي هجي.

هر مذهب ۾، مذهبي وڏن عهدن جو شان ڏسي، ڪي لالچي / لوڀي بہ ويس بدلي اچي پوڄا پاٺ جا مالڪ ٿي ويهي رهندا آهن. پنهنجي پليد اندر جي پوڄا بہ ساڻ ساڻ چالو رکندا آهن . جنهن ڪري اتي جي مال ملڪيت، آيل يتيم عورتن وغيره مان پيا واس وٺندا آهن. ڪائي پي، مچي مهوڙ تي پوندا آهن.

**مطلب:**

6.1 پنگتي سڌارڪ، نام نهاد مذهبي رکوالن لاءِ ٺوڪ طور ائين چوندا آهن.

### 7. اڇوڪا ساڌو، ٻہ آڱر واڌو (چوٽي)

ساڌو: سنت، پنھنجي مٺھن رام جي نام جي مالا جپڻ وارو، جوڳي، ڪشٽ ڪڍڻ وارو.

مذھب جي خدمت ڪرڻ واري ڪي ھرڪو چڱي نيت سان ڏسندو آھي. منجھس چڱيون اميدون رکي، ڪيس مال ملڪيت جو رکوالو پيو سمجھندو آھي. سندن اھا عزت ڏسي، ڪي لوڀي ۽ لالچي ماڻھو بہ ويس بدلي جوڳي ٿي پوندا آھن تہ جيئن ماڻھن جي مال مان ھٿ صاف ڪندا رھن.

مطلب:

7.1 نام نھاد مذھبي ٺيڪيدارن لاءِ ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آھي.

7.2 پيٽيو: اڇوڪا ٻاوا، ڪٽ جا پاوا، ڪائي ماوا، ڪن ٽا جاوا.

### 8. اڇي ڏاڙھي، اٽو خراب (ورجيس)

اڇي ڏاڙھي ٿيڻ: وار اڇا ٿيڻ، عمر وڏي ٿيڻ. ڪائي پي چڙھڻ.

اٽو خراب ھئڻ: ڪم ڀُڏا ھئڻ. بي اعتباريءَ جھڙا ڪم ڪرڻ.

وڏيءَ عمر ۾، سواءِ حرص ۽ لالچ، عقل ۽ تجربي جي، باقي ھر شي ۾ پوئتي پئجي ويندي آھي . نظر گھٽ، لڱ ڪمزور، ڏند پڳل، آندا بي طاقتا، مڙسيءَ کان وينل ھئڻ سبب ڪراڙي مان ھر ڪو بيزار . ان عمر ۾ ڪراڙي ماڻھوءَ کان، سندس تجربي جي آڌار، فقط عقل جي صلاحن وٺڻ جي، ھيو ڪم نہ ونجي.

مطلب:

8.1 پنھنجي معاملي ۾، اڇي ڏاڙھيءَ وارو، پاڻ تي ڪلائڻ جھڙا ڪم ڪري تہ پوءِ سندس عقل لاءِ ائين ئي ٽوڪ طور چئبو آھي.

8.2 پيريءَ ۾ نوجوان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ: اڇي ڏاڙھيءَ ۾ اٽو خراب ٿيڻ برابر آھي.

### 9. ادا واندا مل! پالھو مل ڪٿي مليئہ؟(چوٽي)

واندي ماڻھوءَ کي ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ڪم نہ ھوندو آھي . جڏھن تہ وقت گذارڻ لاءِ ڪيس ڪنھن نہ ڪنھن سان ڪچھري ڪرڻ يا وندر تہ ڪپي . ڪراڙو مڙس ڪم نہ ٿو ڪري سگھي تہ ڪيس وندر ۽ ڪيڏڻ لاءِ ننيڙي ٻار جي ضرورت آھي. ٻارُ بہ وڏا ڪم نہ ٿو ڪري سگھي، جيڏن سان گھمڻ جيترو نہ ٿيو آھي تہ ڪنھن ڪراڙيءَ جي ڪڇ ۾ ئي وندرندو.

ان جي برعڪس نوجوان ماڻھوءَ کي ڪم ڪان سواءِ ٻي وندر ناھي . ڪم نہ ھوندس تہ پاڻ جھڙا نڪما تاڙيندو . چو جو ننڍن سان ٻيڇي ٿي نہ سگھندو ۽ ڪراڙا ساڻس سنمڪ نہ ٿي سگھندا. واندا پاڻ ۾ ويھي اجايون سجايون ۽ اوپاريون لھواريون ڳالھيون ڪري وقت ڪاٽيندا.

مطلب:

9.1 نڪمٽي لاءِ ٽوڪ طور ائين چئبو آھي.

9.2 چندبو چندبي کي سؤ ڪوھ تان ڳولھي لھي.

9.3 سنُ، سنَ کي ڳولھي لھي.

### 10. اڏڪير، اڌ زنده پير. (ورجيس)

کير: ھر ماڻھوءَ جي پھرين غذا آھي. اڃ بہ لاھي تہ بک بہ. منجھانئس ٻيا بہ گھڻا فائدا آھن.

زندھ پير: ورڻ ديوتا، جل جو ديوتا.
کير ۽ پاڻيءَ کي هر ساهدار جي زندھ رهڻ لاءِ مددگار سمجهيو ويندو آهي. جنهن سبب ٻنهي کي پير مثل سڏيو ويو آهي. زندگيءَ ۾ ڪجھ آسانيون کير سبب ته ڪجھ پاڻي ۽ سبب آهن، جنهنڪري ٻنهي لاءِ ڳڏي ائين چئبو آهي.

مطلب:

10.1 ڪجھ محنت، ڪجھ چالاڪي.
10.2 ڪجھ حق حلال، ڪجھ گند بلا جي ملاوت.
10.3 بازاري کير ۾، اڌ تي يا گهٽ وڌ، پاڻيءَ جي ملاوٽ هجي، تنهن منجهان ٿيل ڪمائي.

## 11. اڳيان ويا وسري، پويان لڳا مصري (پهاڪو)

دنيا جو دستور آهي، جيڪو سامهون وينو آهي يا ساٿ ۾ آهي، سو ئي دل تي ياد پوي ٿو . گذاري ويل، مري ويل يا ڇڏي ويل دوست به وقت تي ياد نه پوندا آهن . گهٽو ڪري اهي ياد پوندا آهن، جن مان ڪم ٿيڻ جي اميد هجي . اهي دل تي ئي نه چڙهندا، جن منجهان ٽڪي جي به اميد نه هجي . هر ڪو پرديسين جي پُٺِ ڏيڻ سان ، ڪين وساري ويهي ٿو ۽ نيون ياراڻيون ڳنڍي ٿو.

مطلب:

11.1 جو چلھ تي، سو دل تي.
11.2 اپرندڙ سج کي هر ڪو سلام ڪري ٿو.
11.3 پيٽيو: آئي کي آدر، وئي کي پادر.

## 12. اگھ ڪٽيو ڪائجي، وٽ ڪٽيو نه ڪائجي (پهاڪو)

اگھ ڪٽيو ڪائڻ: اگھ چاڙهي چاڙهي وٺڻ.
وٽ ڪٽيو ڪائڻ: تور ماپ ۾ ننڍي ڪرڻ/ هٽڙي هڻڻ.
دڪاندار، تور ماپ ۾ ننڍي ڪندو ته برڪت ته نه پوندس، هٽائين ٻڻ پاراتي جي آيل پئسن مان نقصان به پوندس. ان جي برعڪس اگھ چاڙهي وٺڻ به ظلم ڪرڻ برابر آهي. جيئن ته گراهڪ کي زبان سان کولي ٻڌائجي ٿو ، سو اهو ان ڪري، وري به نيڪ آهي. اها بي ڳالھ آهي ته مجبور ماڻهو يا وافر پئسي وارو ، مهانگي چيز خريد ڪندو. ان ۾ ايڏو نقصان ناهي. هر حال ۾، اڳلي جي يا گراهڪ جي حال تي، رحم ڪائي اگھ ونجي. ڏلهي دنبڙ به نه ٻڌجي.

مطلب:

12.1 تور ماپ ۾ ننڍي ڪرڻ کان وات جي چالاڪيءَ سان گراهڪ کي شيءِ ڪٽائڻ چڱو آهي.

## 13. الک! ڏي کي به ٽي لک (تڪ بند جملو)

تڪ بنديءَ ۾ ڳالهائڻ به ڪن ماڻهن جي عادت ٿي ويندي آهي. ڄڻهن ڏٺيءَ، الک، مالک يا الله کي پُل پلايو ياد ڪندا آهن يا ماڻهن آڏو غير ارادي طور تي زبان مان وڏي آواز، سڏ نڪري ويندو اٿن ته پويان تُڪ بند فقرو به مرم پرچائڻ لاءِ ڳنڍي ڇڏيندا آهن. جيئن ٻڌندڙ سمجهي ته چيل جملو، سوچي سمجهي چيو ويو آهي . واندڪائيءَ کان بيزار ٿي بي اختيار ۽ اڻ سوچيو نه نڪتو آهي.
جيئن ڪي چوندا آهن:

- الله الصمد، ڪاراءِ ڪمند!
- سچ جا سائين! ڏيار ڪي هزاري تہ چڙهي ڪيون سواري.
- اولِ، انڍيءَ ڪي نہ رولِ.

مطلب:

13.1 ڳهرڻ لاءِ ڏٽيءَ ڪي ئي ٻاڏائجي.
13.2 پيٽيو: ٻڪ! وڏا ملندءِ سڪ.

## 14. اندر لنگهڻ، ٻاهر ڪنگهڻ (ورجيس)

دستور اهو آهي تہ جيڪا شيءِ جهڙي ٻاهران نظر اچي ٿي، اندران بہ اهڙي هئڻ گهرجي . جيئن ماڻهو ڏسڻ جو سهڻو هجي تہ سندس ورتاءُ بہ محبتي هئڻ گهرجي . انب ڏسڻ جو خوبصورت ۽ سنگهڻ ۾ خوشبوءِ دار هجي تہ ذائقي ۾ منو هئڻ گهرجي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪي شيون، انهيءَ فطري اصول کان هٽي ڪر ي بہ ٿي پونديون آهن. جيئن ٿوه ڏسڻ ۾ گدري وانگر سهڻو، گول ۽ لسي ۽ چمڪندڙ ڪل سان آهي پر اندران زهر وانگر ڪؤڙو . سهڻي صورت ڏسي ڪنهن سان عشق ۽ شادي ڪجي پر ويجهو اچڻ کان پوءِ خبر پوي تہ ان جي سيرت تہ خراب ۽ ڏپ واري آهي . جنهن کان پوءِ ٻئي هٿ ٻوٽ ۾ هجن.

مطلب:

14.1 گهر ۾ رکي سڪي ڪاٺ واري ڪي ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ٻانهن لوڏي ۽ ڪنگهي ڳُڙڪي لنگهڻ نہ گهرجي .
14.2 اچي پڳ ۾ پس، اندرمڙيوئي اگڙيون .
14.3 پيٽيو: گهر ۾ ڪين تہ بہ رکي گهوري تي زين .

## 15. انڌي ۽ جنڊ، ڪتولو ۽ هنڊ،
## واڻيو ۽ هٽ، تارازي ۽ وٽ (چوٽي/پهاڪو)

انڌي عورت، ٻاهر گهمڻ ڦرڻ يا اندر ٻاهر ٿيڻ لاءِ ٻين جي محتاج هوندي آهي . جنڊ جو معاملو سمجهہ ۾ اچي ويس تہ پيهندي . سڄيءَ وانگر ڪيس ڪاڏي پاٽمرادو وجهڻو ڪونهي، تنهن ڪري مٽائنس چڙهي وينی هوندي . ٻيءَ صورت ۾ ڪيس ڪٽ ۽ بسترو ڪپي، جنهن تي سُتي پئي هجي.

واڻيي/ هٽائيي/ دڪاندار ڪي بہ ڪمائڻو ۽ ڏنڊ و ڪرڻو آهي تہ هٽ تي وينو هجي . لٽو تہ ٻڪ مئو . هٽ تي بہ تارازي ۽ وٽ هلندا رهن. ٻيءَ صورت ۾ مکيون پيو ماريندو.

مطلب:

15.1 جڳ جو چرخو هلائڻ لاءِ، هر هڪ ڪي ڪو نہ ڪو ڪم، ڏٽيءَ سڳوري سونپي ڇڏيو آهي.
15.2 پڳوان بہ سجاڻي سڳ ڏئي ٿو.
15.3 انڌي ۽ جنڊ، ڏهہ پاٽيون ڏوڪڙ.

## 16. انسان ڪي کپي: اجهو، اٽو ۽ لٽو (چوٽي)

انسان ڪي زندگي گذارڻ لاءِ ۽ زنده رهڻ لاءِ بنيادي طرح هوا ۽ پاڻي کپن . جيڪي قدرت واري پنهنجي ٻاجهہ سان وافر مقدار ۾ جوڙي ڌرتيءَ تي پکيڙي ڇڏي آهن . هرهڪ ڪي سندس گهرج آهر، بنا ڪنهن محنت/ تڪليف ڪرڻ يا گهرڻ جي ملي ٿا وڃن . ان کان علاوه زنده رهڻ لاءِ جن شين جي سخت ضرورت آهي ۽ جن کان سواءِ زنده رهڻ

مشڪل ٿيو وڃي، سي آهن ؛ اٽو، لٽو ۽ اجهو . پيٽ کي ڀرڻ لاءِ اٽو، انگ کي ڍڪڻ لاءِ لٽو ۽ شان مان سان ٽانيڪو رهڻ لاءِ اجهو. ان کان علاوه فطري تقاضا، جيڪا پڻ اڻ ٽر آهي، سا شهوت (Sex) جي پورائي جي آهي.

مطلب:

16.1 زنده رهڻ لاءِ: پيٽ ڀرڻ، انگ ڍڪڻ ۽ سر لڪائڻ جي جاءِ کپي.

16.2 Food, Dress and Shelter are necessary for life.

### 17. اوٻاسي، ننڊ جي ماسي(چوٽي)

جڏهن ماڻهو ٿڪجي ٿو ته پوءِ سندس ڪم ۾ سستي پيدا ٿئي ٿي . آرام لاءِ پوءِ به نه ليٽندو ۽ جاڳندو پيو يا ڪم ۾ رڌل هوندو ته فطري طور اوٻاسيون ايندس.

مطلب:

17.1 اوٻاسيءَ جو اچڻ، ٿڪاوٽ، سستيءَ ۽ ننڊ اچڻ جي نشاني آهي.

17.2 اوٻاسي آهي، ننڊ جو اهڃاڻ.

17.3 اوٻاسيون آيون، ننڊ سندو نياپو.

### 18. اويلو مهمان، پٽائي پاڻ (چوٽي/پهاڪو)

ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ ماڻهو، غريبيءَ سبب پنهنجي پيٽ لاءِ به ڪڏهن ڪڏهن ماني ٻچائي ڪونه ڪائي سگهن . تن گهرن ۾ وقتائتو مهمان به تڪليف جو سبب بڻجندو . وري به وقت تي پهتل يا ڪوٺ تي آيل مهمان لاءِ هٽي ماري بندوبست ڪري ونبو آهي پر اڻ ڪوٺئي يا ويل ٽريءَ کان پوءِ آيل مهمان لاءِ خفا ڪرڻ ڏاڍا اهنجا آهن . گهر ڀاتي، اوڪا پوڪا لاهي، ٻين ڪمن ۾ جنبيل هوندا آهن، تن کي اتان ڪيڏي مانيءَ ۽ چلهه جي حوالي ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي . اهڙي آيل مهمان کي هرڪو هڇا پيو سمجهندو. سندس لاءِ ڪٿون بسترا ڪيڻ ۽ ماني ڳنڍڻ ڪرڻ، سڀ خفي وارا ڪم آهن.

مطلب:

18.1 ريءَ ڪوٺيو مهمان، پٽائي پاڻ.

### 19. اهڙو سياڻو، جهڙو جيئو ڪاڻو (ورجيس)

سياڻو چوڻ: چالاڪ يا هوشيار هئڻ.

ڪاڻو ڪوٺڻ: عيب ڪيڻ.

ڪنهن به عقل جي وير يا عقل جي ٻيرلڻ کي چترائيءَ سان چيڙائڻ يا چٽر ڪرڻ لاءِ ڪجهه تعريف ۽ ڪجهه گلا، گڏي ڪرٽي پوندي آهي. نجي تعريف يا نجي گلا، سندس هياءَ تي تور ٽي ٻيهنديون آهن . هنن لفظن مان به فقط ٺوڪ جو ئي مطلب ورتو ويندو آهي.

مطلب:

19.1 چاچي به ڪوٺڻ ۽ ڇهنڊڙي به پائڻ .

### 20. اهڙو منٺو، ڪنهن نه ڏٺو(تڪ بند جملو)

منوهئڻ: وٽندڙ هئڻ.

ڏٺل نه هئڻ: نئون هئڻ

دڪاندار يا ڇٻي وارا، پنهنجا ٺول ڪپائڻ لاءِ اهڙي قسم جا هوڪا ڏاهيندا آهن، جنهن سان گراهڪ ڇڪجي اچن. عيبدار شيءِ جي بہ ايڏي وڏائي چڙهائي تعريف ڪندا آهن جو نہ وڻڻ وارو بہ سڌ ڪري وٺندو آهي.

جيئن:

چَپَ چٽٽي، وَٽ وٽي (مٽرن جي ڏڏڙيءَ لاءِ هوڪو)

ادا مائو! وني ڪائو (مائي ڪپائڻ وارا، مائي لاءِ ائين چون).

ميها، مکڻ جيها (سبزيءَ واري جو هوڪو)

مطلب:

20.1 پاڻ ڏانهن متوجہ ڪرڻ جهڙو جملو.

## 21. ايڪ ديوي، دس پاوي (چوٽي)

ڏيڻ، ڏاڍو ڏکيو آهي. ان جي پيٽ ۾، وٺڻ وري بہ سولو آهي. خاص طور تي، هن آزمائش جي جهان ۾، مال ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. انهيءَ حالت ۾ جيڪو ڏٽيءَ جي نالي تي جيڪي ڪجهہ ڏيندو، ان جو بدلو دنيا ۾ ئي ڪيس ڏهوڻو ملندو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هيءَ چوٽي، رشوت جي ڏيڻ وٺڻ بابت ڪتب ايندي آهي.

مطلب:

21.1 ڏٽيءَ جي نالي تي، غريبن ۾ بہ ڪجهہ دان پچ ڪرڻ گهرجي.

21.2 ڏي ڪٽو، ملئي گهٽو.

21.3 ڏهہ دنيا، ستر آخرت.

21.4 پيٽيو: ڏي ڏالي، ملئي مالي.

## 22. ايڪ ناري، سدا برهمچاري (چوٽي)

ناري: عورت، زال.

برهمچاري: ويدن جي علم جي حاصلات لاءِ سياحت ڪندڙ شخص. ايشور يا ڀڳوان جو ڳولائو. تارڪ الدنيا يا دنيا تياڳيندڙ.

هڪ عورت، مرد لاءِ زندگيءَ ۾ ساٿيءَ طور اشد ضروري آهي، پوءِ ڀلي، مرد ساڻس پوريءَ طرح انصاف ڪري سگهي يا نہ. عورت ڪان سواءِ مرد، مرد ڪان سواءِ عورت، اڌورا آهن. اڪيلي ۾ اگهاڙا آهن، ملڻ ڪانپوءِ ڍڪجي پون ٿا. الڳ آهن تہ اڌ آهن، ملن ٿا تہ پورو ٿين ٿا.

جنهن مرد، جنسي پورائي لاءِ هڪ عورت تي گذارو ڪيو، سو بہ ڄڻڪ تارڪ الدنيا مثل آهي. ان جي برعڪس ڪي فاحش ذهن ماڻهو، انهيءَ چوٽيءَ کي پنهنجي مطلب ۾ مٿائي بہ استعمال ڪندا آهن:

”ايڪ ناري آئي تو ماري، نهين تو برهمچاري“ (ابتو)

مطلب:

22.1 پنهنجي گهر واريءَ ڪان علاوه، ٻئي هنڌ نہ واجهائجي.

## 23. بار گڏهہ تي، هيرڳي ڪوتي. (پهاڪو)

اصول آهي تہ جنهن تي وزن رکيل هوندوآهي، تڪليف بہ ان کي ٿيندي آهي . جنهن کي تڪليف ٿئي، سو ڪرڪندو ۽ ڪجهندو بہ. ان جي برعڪس جنهن تي نہ وزن آهي ۽ نہ ئي ڪا تڪليف پهتي اٿس، سو ڪُرڪي تہ اجايو

آهي.

مطلب:

23.1 ’الف‘، ’ب‘ جو ڪم ڪري ٿو. ’ب‘ جو ڪم سنوارجي ٿو پر ’ج‘ ڪي انهيءَ تي ساڙ ۽ حسد وچان خار اچن، سا بہ غلط ڳالهہ آهي. چو جو ’ج‘ جو ان معاملي سان نہ واسطو آهي نہ وجهہ آهي. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.

23.2 پيڙهيو: ڏڪ لڳي هڪڙي کي تہ روئن ٻيا، اچن جي ٿيان تہ ڳوڙها ڳاڙيندا وجن.

## 24. ٻڪ! وڏا ملندءِ سڪ! (تڪ بند جملو)

ٻڪ، اڳيئي اهنج ۽ ڏک آهي. جنهن وٽ ويندي، تنهن وٽ بہ ٻڪ/ ڏک ئي ڏسڻ نصيب ٿيندس. اڳلا ڏکن ۾ هوندا تہ کيس بہ سک ڪين ملندا.

جن غريب مائرن جا ٻچا، ٻڪ ۾ ڪوڪرائيندا آهن، سي مائرون بي بسيءَ وچان آه پري، ٻڪ کي پاراتي ڏيڻ لاءِ چونديون آهن: ”ٻڪ! وڏا ملندءِ سڪ!“

مطلب:

24.1 ٻڪ کي ڪٿي بہ سک نہ ملندو. ملندس تہ پٿون ۽ پاراتا.

24.2 پيٽيو: الڪ! ڏي کي ہہ ٿي لڪ.

## 25. ٻن پئسي جو ڪيلي جوئا، آج نہ موئا تہ ڪل موئا(چوٽي)

جوئا کيڏڻ لاءِ، وافر م لڪيت ۽ پئسو گهرجي. هارائجي تہ پؤ نہ ٿئي: هاٽي وقت ڪٿان گذرندو. هوند تي جواري، هونگر ڏئي پيو ڪيڏندو ۽ تڏر ڏئي پيو ساري ڪٽندو يا پٽتو اڇليندو. دليريءَ سان کيڏڻ ڪري، بزدل / ٻاڙين رانديگرن کي پڇائي ميدان ماريو بيٺو هوندو. اٿهوند تي کيڏڻ وارو، ڏچ ۾ ڪنڻ جهڙا داءَ بہ نہ کيڏندو ۽ آخرڪار هارائي، ’هر هارو، منهن ڪارو‘ ڪرائيندو.

جوئا ڪان علاوه، دنيا جا سمورا ڪاروبار پڻ ائين آهن. دليريءَ سان گهربل پئسو سيڙائڻ وارو وڏو منافعو ڪمائي ٿو. ڪسڪي ڪسڪي پئسو ڪيڻ وارو، منافعو نہ ٿو ڪمائي.

مطلب:

25.1 اٿ-ڪائئي ڪم ۾ هٿ وجهڻ ۽ منجهس ڪامياب ٿيڻ لاءِ پئسو جام هئڻ گهرجي.

25.2 جيڪي ڪري پئسو، نہ ڪري سو پيءُ، ماءُ ۽ ڀاءُ سڳو.

## 26. ٻڙي تہ ٻڙي، نہ تہ دال روٽي گهٽي(ورجيس)

ڪنهن ڏکيي ڪار وهنوار ۾ هٿ وجهڻ وارا، آٽت طور ائين چوندا آهن.

مطلب:

26.1 جيڪڏهن اهو واپار/نوڪري ڪامياب وئي تہ واه واه، نہ تہ گهر ۾ تہ دال ماني ملي ٿي پئي.

26.2 جنهن ساهہ ڏنو آهي، سو گراه بہ ڏيندو.

## 27. ٻيبي ننڍي، برقعا ٻاري(ورجيس)

برقعو: پردو، وڏي چادر.

ننڍي نيٽي زال، وڏيءَ جي پيٽ ۾ هرڪو پيو لڪائيندو آهي ۽ ڪيس برقعن ۾ ويڙهيندو آهي . چو جو گهٽو انديشو هوندو آهي ته ان کي ئي ٻيا ڏسندا . ڪراڙيءَ کي پنهنجو مڙس جي نه ٿو ليکي، ته مڙس جي نظرن ۾ ڏانهنس ڪنهن جي به نظر نه ٿي ڪجي. ان کي پردو گهٽ ڪرائيندو آهي ۽ ان جي پيٽ ۾ ننڍيءَ کي ٻلوي برقعا پارائيندو.

**مطلب:**

27.1 هر قدم نهندڙ آهر ۽ سونهائيندو ڪٽجي.

27.2 هَٿَ سهائيندو ڪائجي، لوڪ سهائيندو پائجي.

27.3 هوند ٿوري، ڦاها وڏا ڦڪڻ. (ورجيس)

27.4 وت ٿورو، ڦٽو ڦٽو گهٽي. (ورجيس)

27.5 ٻاري ڪٽن ٻار، ناهي ڪم ڪچن جو. (چوٽي/ پهاڪو).

## 28. بيٺو ڪائي اَنُ، پيو ڪائي ڏَنُ (طبي چوٽي)

**بيٺو:** تندرست، چاق، چڱو ڀلو.

**پَيو:** ڪريل، بستري تي پيل، بيمار، ڪمزور.

تندرست ماڻهوءَ جي ويلي تي خوراڪ: ٻه مانيون. يعني گهر ۾ رکيل اَ نَ مان سندس پيٽ قوت ٿيو وجي . ان جي برعڪس، بيمار ماڻهوءَ کي جان مان به بيزاري هوندي . ماني ته وٽندس ڪانه . ڪيس، ترت عمل طور، دوائون گهرجن، جيڪي ڪائي تندرست ٿئي. دوائون، پئسن/ڏن سان اينديون آهن. ڏن هوندو ته دوائون به اينديون . نه هوندو ته نه اينديون. ٻين لفظن ۾ بيمار ماڻهو، ڏن ئي ڪائي ٿو، تڏهن جياپو ٿئيس ٿو.

**مطلب:**

28.1 اگهو ڪائي ڏن، سگهو ڪائي اَنُ

## 29. ٻڏڻ ويو آهي وسري، لڏڻ آيو آهي ياد (ورجيس)

ڪنهن ڪسي ڪم ڪرڻ تي، خبر پوڻ ڪانپوءِ، هر حيادار کي شرم ايندو آهي . بي حياءَ ماڻهوءَ کي، بجاءِ شرم اچڻ جي، ويتر مذاق سُجهي ايندي آهي. اهڙيءَ حالت ۾، اهڙي بي حياءَ نؤد لاءِ ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.

**مطلب:**

29.1 جيڪو غلط ڪم تي پشيمان ٿيڻ بدران الٽو بيهي ڏند ٽيڙي ۽ ٺهڪ ڏئي کلي تنهن لاءِ چئبو آهي، ٻڏڻ ويو وسري، لُڏڻ آيو ياد.

29.2 شرم ويو شڪار تي، لج وئي لعل تي.

29.3 شرم ويو شڪارپور، لج وئي لاڙڪاڻي.

## 30. ٻڪريءَ جي ماءُ، ٻچن جو گهٽا ڏينهن خير گهرندي (پهاڪو)

ڇيلي جو گوشت، مينهن ۽ اٺ، رڍ ۽ ڳئونءَ جي گوشت کان وڌيڪ ذائقيدار آهي، بلڪ مڇيءَ ۽ مرغيءَ کان به وڌيڪ مُلهائتو آهي. گوشت ڪائڪن کي، ليلي جي گوشت جي ضرورت جلد جلد پوي ٿي . اچ جيڪڏهن ڪنهن ڇيلي جي ڪنڌ تان، سندس ماءُ جي دعا اگهڻ سبب، ڪاتي ٿري وئي آهي ته سڀاڻي ضرور پوندي.

**مطلب:**

30.1 ڪاچ ٿيندڙ شيءِ کي، هڪ ڏينهن ڪاچ ضرور ٿيڻو آهي.

30.2 غلط ڪم ۾ هٿ وجهڻ واري جي مٿان، جيڪڏهن ڪا آپدا هر وقت بيٺي هجي ته ان لاءِ ائين چيو ويندو آهي.

30.3 بڪري ڪي مان ڪب تڪ خير منائيگي.  (اردو).

## 31. ٻِتِ پيئي، وِٽ پيئي (پهاڪو)

گڏ رهڻ سان، سڪ جي سلي ڪي پاڻي پيو پهچندو آهي . ملڻ ۾، وقت جي وڇوٽي پئي ، جڻ ڪپڙي جو پاند ڦاٽي پيو. ٽٽيءَ ڪي ٽاڪو ته لڳندو پرسڏو ظاهر بينو هوندو.

ٻہ جگري يار / يائر ٻلهڙ ۾ ڪن سببن جي ڪري ڦٽا ۽ سندن دوستيءَ / يائپيءَ جي رشتي ۾ ڦڪت / نفرت جي ديوار پئي ته پوءِ پاڻ ۾ ويڇو پوندو ويندن. وقت تي سندن رت ريلو نہ ڏيندو ۽ ورلي هڪ ٻئي جي ڪم ايندا.

**مطلب:**

31.1 ٽٽيءَ ڪي ٽاڪو لڳٽو ئي ناهي.

## 32. پونڪ ڙي ڪتا پونڪ، ٽڪر ڪائي پيو ٽونڪ(طنزيہ تڪبند جملو)

جهيڙي ۾، ٻار يا مايون، وڙهي ٽڪجڻ ڪان پوءِ ، پاڻ ۾ وڏيڪ وڙهڻ / گارين ڏيڻ جي سڪت نہ پائئين . انهيءَ حالت ۾ جڏهن هڪ ڌر اجا ڏُم لايون بيٺي هجي تہ ٻي ڪمزور ڌُر، دل جي باهہ ڪيڻ لاءِ ائين ٽوڪيس.

**مطلب:**

32.1 ڪنهن ڪي جهيڙي ۾ اجا ڪجائڻ، چيڙائڻ يا چيڙائي تيڪ ڪرڻ لاءِ اهڙا تڪبند جملا في البديه نهي زبان تي تري ايندا آهن ۽ بي اختيار نڪري وينا آهن.

32.2 تون پونڪ نال ڪتي، مين نند نال ستي.

32.3 تون پونڪ تہ مون ڪي نند اچي (جملو).

## 33. ٿورو ڪر ڄٽ سان، ڄٽ ڦيري هڻيي پٽ سان (پهاڪو) .

ڄٽ: بي ادب، جاهل، آداب کان وانجهيل.

ٿورو: چڱائي، احسان.

چڱائي يا احسان، ڪنهن وڙ واري سان ڪبو آهي . بي وڙي سان چڱائي ڪبي تہ الٽو برائي ڪندو . جيڪڏهن ڪنهن سان چڱائيءَ جا پيير  پرجن ۽ اهو برائيءَ سان بدلو ڏئي، ان لاءِ ائين مثال ڏبو آهي.

**مطلب:**

33.1 چڱائي ان سان ڪجي، جنهن مان ڪجهہ وري ۽ سري.

33.2 ناشڪري سان نيڪي ڪرڻ، آهي جيءَ جو زيان.

## 34. ٽٻڻو ٽاٽي، هلي اباڻي (ورجيس)

ٽٻڻو: ٽٻڻي، ڪکن/ تيلين مان نهيل ٽوڪري، جنهن ڪي مٿان پڙ/ڍڪ هجي.

ٽاٽي: ڪپهہ ڪي ڪتِڻ، ڪپهہ مان ڪڪڙا يا ڪچرو ڪيڻ، ڪپهہ جا ٽاٽا ناهڻ.

ٽٻڻي ۾ ڪپهہ ٿوري پوندي آهي . منجهس پيل ڪپهہ ٽاٽڻ لاءِ ويهبو تہ جلد  ي ٽاٽي ونبو ۽ وقت ٿورو لڳندو . ڪي عورتون ساهرين گهر ۾ ميار لاهڻ لاءِ تمام ٿورو ڪم ڪنديون  آهن، وري جلدي پيڪن ڏانهن گهمڻ لاءِ برقعو ڪلهي تي رکنديون آهن. اهڙين عورتن لاءِ سسئون ٽوڪ طور ائين چونديون آهن.

**مطلب :**

34.1 ٿورو ڪم ڪري، جلدي مِٽن ڏانهن پڇڻ.

34.2 بي-دليو ڪم ڪرڻ واري لاءِ ٽوڪ طور ائين چئبو آهي.

34.3 ائين تڪڙي آئي ۽ وئي، جيئن ڏينبو ڏنگ هڻڻ لاءِ اچي.

### .35 ٽپڙ ئي ٽيشڻ تي هئڻ (ورجيس)

ٽپڙ: گهر ۾ ڪتب ايندڙ سامان. Luggage

ٽيشڻ: Railway Station، ريلوي اسٽيشن جو بگڙيل نالو يا سنڌي روپ.

هيڻو مسافر، ريل ۾ چڙهڻ لاءِ سامان، مال واري گاڏي ۾ چاڙهائڻ بدران، پاڻ سان کڻي. گاڏيءَ جي تڪڙ سبب، فقط پاڻ چڙهي سگهي ۽ سامان پليٽ فارم تي رهجي وڃيس . اهڙو مسافر، گاڏيءَ جي ڇٽڻ ڪانپوءِ، اندر پيو ٻاٽون ڏيندو ۽ ڦٿڪندو. ٻاڪاريندو پيو: ”ٽپڙ تہ ٽيشڻ تي رهجي ويا“.

مطلب:

35.1 جنهن سان صورتحال اهڙي ٿئي، جو سندس رٿيون، اڻ رٿيون رهجي وڃن ۽ هڪڙا ٽپڙ هڪ هنڌ تہ ٻيا ٻئي هنڌ ۽ پاڻ ٽئين هنڌ هجي تہ ان لاءِ حيرت مان ائين چئبو آهي.

### .36 ٽڪر گهٽ، تہ ٻہ جوءِ وٽ (چوٽي)

ٹُڪر: مانيءَ جو ٽڪر، ڀِڳي ٽڪر، ڀِڳل، لولي چوٽاڙ.

گهر هلائڻ لاءِ عورت تہ گهر ۾ رهي گهر جو ڪم ڪار ڪري ٿي . جڏهن تہ ٻاهريان ڪم ۽ ڪمائي مرد ڪري ٿي آهي. ڪي ماڻهو پنهنجي ڳوٺ يا شهر، ديس يا ملڪ ۾ روزگار نہ ملڻ سبب اچا پرديس تي ويندا آهن. پرديس جا معاملا ڏاڍا اهنجا آهن . گهر وارن، توڙي سفر تي ويلن کي، نصيحت طور چئبو آهي: ٽڪر گهٽ، تہ ٻہ جوءِ وٽ. مال جي هوس ۾ جوءِ ڇڏي نہ وڃجي. ڇو جو جوءِ کي ٻہ ٻارهون ديوتا ڪري پوڄيو وڃي ٿو.

مطلب:

36.1 ٽڪر گهٽ، جُوءِ وٽ.

36.2 گره گرٽ، پرين وٽ.

36.3 ڏنڊي ڏاڙي يا ڪرت ڪار سانگي، گهر ڪان پير ٻاهر نہ ڪڍجي.

36.4 رپيو گهٽ هجي تہ ٻہ ننگ ساڻ هجن.

### .37 ٺلهو ڇٽو، وڄي گهڻو (پهاڪو)

پريل پڪيل، ڀريل يا ڀبي پريل شيءِ، وزن هئڻ سبب ڏڪ لڳڻ سان ڪڙڪو گهٽ ڪندي . ان جي برعڪس خالي، پوري يا هلڪي شيءِ، ڏڪ لڳڻ تي وڏو ٺڙڪو ڪندي آهي.

اهڙيءَ طرح جيڪي ماڻهو ڪيسن ۾ خالي، گهر ۾ بک تي، عقل جا ڪٽل ۽ علم کان وانجهيل آهن، سي پريل پڪيل ماڻهن جي پيٽ ۾ گهڻ-ڳالهائو، ڏاڙي ۽ لٻاڙي ٿيندا آهن.

مطلب:

37.1 ڪوڪلو، پولو، اندران خالي چڙو ئي وڄندو آهي.

37.2 سڪٽي ڪني، گهڻو اُيامي.

### .38 ٺونٺ لڳي، ساهيڙي ڀڳي (پهاڪو)

ٺونٺ لڳڻ: ڏڪ لڳڻ، ٿورو نقصان پوڻ.

ساهيڙي ڀڳي: سنگتياڻي ڀڳي، سنگت ٽٽي وئي.

نازڪ مزاج ماڻهو، سنگت ۾ ٿورڙو نينشڙو به برداشت نه ڪري سگهندا آهن . ٺاڪٽين ٺانءَ وانگر، هٿ لڳڻ سان به ٺِڙڪي ٽُٽي پوندا آهن. اهڙا نازڪ هوندا آهن جو، ٺُڪ تان به ترڪي پوندا آهن.

**مطلب:**

38.1 خسيس ڳالهين تان، لک جهڙي سنگت نه ڦٽائجي.

38.2 ٺونٺ لڳي، ساهيڙپ ڀڳي.

### .39 پاڻ پنان، گهوڙا ڳنهڻ (ورجيس)

گهوڙو ڏارڻ: ڏکئي ڪم ۾ هٿ وجهڻ، خرچ جهڙو ڪم ڪرڻ.

جيڪي ماڻهو پنهنجي پيٽ پالڻ ۾ آذرت آهن، سي پلا گهوڙا ڪيئن ڏاري سگهندا؟ جيڪو پنهنجي وت کان وڏن ڪمن ۾ هٿ وجهي، تنهن لاءِ ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.

**مطلب:**

39.1 جڏهن ڪنهن ڪم ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ پُٽو نه پانئجي يا ڪن سببن ڪري ڪرڻ کان ننائجي ته پوءِ ائين چئبو آهي.

39.2 مان اجان پاڻ پنهنجي پيرن تي بيهي ڪونه ٿو سگهان، ٻئي کي ڪيئن ڪٽان.

39.3 جنهن کي خرچڻ لاءِ ڪاٺي ٺامي نڪري نه هجي، سو وڏن خرچن جون سٽون ڪٽان ڪندو.

### .40 پرُ پيو، گهر ويو (چوڻي)

پرُ: پرايو، اوپرو، ڏاريو.

پرُ پوڻ: ڏاري عورت گهر ۾ اچڻ، ڏاريو عقل ذهنن ۾ ويهڻ.

پرائي متِ تي هلبو يا ڏاري عورت گهر ۾ آڻبي ته گهر ۾ ڪلڪل ۽ گهپي پئي ٿيندي . ڏاريا چيٽاپور به ٿيندا آهن. ڳالهين ۾ مرچ مصالحا ملائي يا ڳڙ لائي پيا ماڪوڙا ٻجائيندا آهن. تنهن ڪري پرائي متِ تي نه هلجي.

**مطلب:**

40.1 جڏهن گهر جي معاملن ۾ ڏاريا دائو دخل ڏيندا آهن، تڏهن معاملا ڦٽندا آهن.

### .41 پرَ - متڙيو، پڇ-ڪتريو. چوڻي

پر-متڙيو: پرائي عقل تي هلندڙ .

پڇ-ڪتريو: لنبو، جنهن کي پڇ نه هجي. بي پهچ.

جيڪو ماڻهو، هر معاملي ۾، ٻين جي عقل تي هلي ٿو، سو جلد ئي ٻين کي بيزار ڪري ٿو . جڏهن ڪانئس هرڪو بيزار ٿئي ٿو ته پوءِ ڪيس ابتا ڏس ڏئي جان ڇڏائي ٿو. ائين ڪرڻ سان، پر-متڙيو، ڪٿان جو به ڪين رهي ٿو . سندس پهچ يا واسطيداري محدود ٿيندي ٿيندي ختم ٿي وڃي ٿي.

**مطلب:**

41.1 پرائي مت تي هلندڙ، پنهنجا تعلقات به وڃائي ويهي ٿو.

### 42. ڀلاه جهڙي ڀدمڻي، جب هڪي حاضر هوءِ،
### ٻوهي وجهه پيٽ ۾، مر ته پيٽ ڦاٽي پوئي چوٽي

ڀلاه: ڀلاءُ، چانورن ۽ گوشت مان جڙندڙ پت.

ڀدمڻي: سهڻي عورت، پرڪشش

ڀلاءُ ڪان وڌيڪ پرڪشش ڪاڏو ٻيو ڪين آهي. ذائقيدار ۽ چٻاڙڻ ۾ سڀنھنجو. اهو جڏهن هڪيو حاضر هجي ته جلد پيٽ ۾ داخل ڪجيس.

**مطلب:**

42.1 جيڪو ماڻهو چپ جي ذائقي لاءِ، پيٽ ڪوڙي پرائي پت تي ويهي رهي ۽ اٿڻ حامي نه ڀري، تنهن کي انهن لفظن سان ٺوڪبو آهي.

### 43. پنهنجو، سڀنھنجو (چوٽي/ پهاڪو)

پنهنجي شيءِ وقت تي ڪم آڻڻ ، تمام آسان آهي. ڪنهن ڪان اڌاري گهرڻ جي نوبت ئي نه ايندي . ان ڪري ڪتب آڻڻ ۾ نه ڪو عار ۽ نه شرم. ان جي برعڪس ڏارئي جي شيءِ استعمال ڪرڻ اهنجي. ڪانئس اڌاري گهرڻ، تنهن ڪان وڌيڪ خراب، پئي هچڪ محسوس ٿيندي.

**مطلب:**

43.1 جيتري قيدر تي سگهي، اوتري قدر مال پاڻ وٽ موجود رکجي. اويل سويل متس ئي پيا هٿ ڳپندا آهن.

### 44. پنهنجو گهر، الک جو در (چوٽي)

الک جو در: ڏٽيءَ جي عبادت ڪرڻ لاءِ جوڙيل جاءِ، جتي هرڪو بنا روڪ ٽوڪ اچي وڃي سگهي.

پنهنجي گهر ۾ ماڻهو، آزاديءَ سان اچي وڃي، سمهي اٿي، کائي پي، ڪري ڪرتي، وهنجي سهنجي سگهي ٿو . ڪير به ڪيس ٽوڪيندو ڪونه. جيئن ڏٽيءَ جي در تي وڃڻ سان ڪيس انند ۽ سُڪون پيو ملندو آهي، تيئن پنهنجي گهر ۾ سک ۽ شانتيءَ سان پيو رهندو آهي. تڏهن ته مارئي محلن ۾ رهندي به اباڻن ڪکن پسڻ لاءِ ماندي هئي.

**مطلب:**

44.1 پنهنجي ڪکين، ڪوئي نه لکين.

44.2 ڏر تي گدڙ به شينهن.

44.3 پنهنجو گهر، هنگي پر، پرائو گهر، ٿڪئي ڏر.

44.4 East & west, though we may roam,
Be it ever so humble,
There is no place like home.

### 45. پئسا ئي پاڻيءَ ۾ (ورجيس)

پئسو، خرچڻ ڪرڻ ۾ ساٿي رهي ٿو . جنهنڪري سيڪو ڪيس جان ڪان وڌيڪ حفاظت سان رکندو آهي . ان جي پيٽ ۾ جيڪڏهن اهو موراڳو دريا ٻُرد ٿي وڃي ۽ وري ملڻ مشڪل ٿي وڃي ته پوءِ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي.

مطلب:

45.1 جنهن ڪم تي سيڙپ گهٽي ڪجي ۽ منجهانئس اڳتي هلي نفعي بدران نقصان پوي ته ان لاءِ تمثيلن ائين چئبو آهي : ”پئسا ئي پاڻيءَ ۾ ويا.“

## 46. پئسي بنا پرشاد، ڏيئي پائو هريرام ڪينڪي(پهاڪو)

مندرن ۾ پنڊارا هوندا آهن، ج تان غريب رکوالن ۽ يتيمن لاءِ روٽي ويندي آهي، جنهن کي پرشاد چئبو آهي . پئسي ۽ ڌن دولت ۾ وڏو چمڪو آهي . اهو غريبن ۾ ورهائجڻ وارو پرشاد به پئسي وارن کي تبرڪ طور اوليت جي بنياد تي ڏنو ويندو آهي. پوءِ غريبن کي انهيءَ ثواب/ خير مان مستفيد ٿيڻ لاءِ موقعو فراهم ڪيو ويندو آهي.

دنيا ۾ پئسي جي بازي آهي . دنيا دار، وڏو پير يا مرشد سمجهن ئي پئسي کي . ٻيا ته ٺهيو خود ٺڪاٽيدار ۽ گديسر، جيڪي پاڻ کي نرموهو سڏيندا آهن، سي پڻ هن مرض ۾ مبتلا آهن . ڪٽاهه جو ڪٽڪو ۽ پوري پرشاد به مالدارن ڏانهن اوليت ڏئي وڌائيندا آهن.

مطلب:

46.1 پئسي جو وڏو مان آهي.

## 47. پيٽ ۾ بک، ارهه ۾ آڪڙ (ورجيس)

پيٽ ۾ بک هئڻ سان، اُرهه مان آڪڙ نڪري ويندي آهي . تنهن هوندي به جيڪڏهن ڪير ڪري ٿو ته پوءِ پڪ ڪيس مار ڪائڻ جو شوق ٿيو آهي.

هڪڙا ماڻهو پيٽ ۾ بک هوندي، آڪڙ ڪان ڪم ڪار نه ڪندا آهن . گهر ۾ پيا بک مرندا ۽ جک ماريندا. سڄي شان تي ڳڻ ٻڌي، نه نوڪري ڪندا ۽ نه ڌنڌو ۽ واپار ڪندا. گهر ۾، بک تي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي ويهڻ ۾ پاڻ کي پيا تيسمار خان سمجهندا . هٽ جي پورهئي لاءِ چئبن ته پيا وڏونهن ڪيندا ۽ ٽيئڙ تپ پيو چڙهندن ۽ چڙي چڙي پيا ڳالهائيندا.

مطلب:

47.1 پيٽ ۾ بک، اره ۾ آڪڙ: مار ڪائڻ جي نشاني.

## 48. پيٽ ۾ نانهه روٽيڻ، سيئي ڳالهيان ڪوٽيان (چوٽي)

جسم جي سمورن عضون کي ر طوبت ۽ طاقت جا جزا، پيٽ جي ذريعي ملن ٿا . پيٽ ۾ ڪجهه پوندو ته (Fuel) ٻارڻ وانگر سمورن عضون کي ورهائجي ملندو . پيٽ ۾ ڪين هوندو ته ٻيا عضوا به ڍرا ٿيڻ لڳندا . ڪنهن به ڪم لاءِ دلچسپي پيدا نه ٿيندي. ڪم جي ڳالهه ٻڌي، بيزاري پئي محسوس ٿيندي.

پيٽ کي ڀرڻ لاءِ روٽي کپي. روٽي ايتري به نه کپي جو پيٽ ڪٽڻ به مشڪل تي وڃي . ايڏي به پيٽ کي بک نه ڏجي جو ماڻهو ايمان مان نڪري وڃي.

مطلب:

48.1 اَنُ ته ايمان، بک ته بي ايمان.

48.2 پيٽ ۾ لُل، ملڪ ۾ هُل.

## 49. جاڏي پيهه، تاڏي خير (دعائيه جملو)

دنيا جي ڪار وهنوار ۾ سفر حضر ۾ پير پائڻ کان اڳي، سوچڻ سمجهڻ گهرجي ۽ پوءِ پير پائڻ گهرجي . تنهن کان پوءِ بہ ڏاڍيءَ سڳوري کان مدد ونڻ گهرجي. مڃاڻ جنهن اڻ ڏٺي ديس جي سفر تي اسهجي ٿو، ان مان ڪي مونجهارا ۽ مشڪلاتون پڙ نہ پون.

هر ماڻهو، هر گهڙيءَ ڄڻ ڪنهن نئين سفر تي آهي . اهو ئي سبب آهي جو وڏڙا ۽ پير فقير، هر وقت اها ئي دعا ڏيندا آهن.

مطلب:

49.1 هر ڪم ۾ برڪت ۽ ڏاڍيءَ جي ٻاجھ هجي.

## 50. جڏا جيئاري، مرڪندا ماري (چوڻي)

جيئارڻ ۽ مارڻ، ڏاڍيءَ جي وس آهي. وڏيس تہ جڏي ماڻهوءَ کي، جيڪو ٻين جو محتاج ٻڍيو ٻينو آهي، تندرست کان اڳي ماري يا پوءِ ماري . بيمار ۽ ڪمزور ، چند گهڙين جو مهمان هوندي ، سالن جا سال جيئي ٿو . اها بہ رب جي مرضي آهي. تندرست ۽ سگهو، جوانيءَ جي ٻل تي ، گهٽي عمر ماڻڻ وارو معلوم ٿيندو آهي . جڏهن تہ چند ڏينهن کان پوءِ زماني جي حوا دث ۽ بيمارين ٻڙين جو شڪار ٿي، جڏي کان اڳي چالاڻو ڪري ويندو آهي . اها بہ ڏاڍيءَ سڳوري جي مرضي آهي.

مطلب:

50.1 رب جي مرضي آهي، وڏيس تہ ڪچو پٽي، وڏيس تہ پڪو پٽي.

50.2 جن جي هٿ گهرج، تن جي اتي بہ گهرج.

## 51. جڏهن آئي جوءِ، تڏهن گيان گوش اُتِ ٿيوءِ چوڻي

گيان: ڌيان، سوچ ويچار.

گوش: ڪن، ڳالهہ ٻڌڻ، ورنائڻ.

ماڻهو جيسين ڇڙ و آهي، تيسين تہ پيو سنگت ۾ سرڪيون پري ۽ پنگت ۾ پِڪون پيئي . جيئن ئي شادي ڪيائين ۽ ڪن- ٽوپي پوئتان لڳس، تيئن ئي اه ي مستيون ۽ الوليون وسري ويندس . ائين پيو چاهيندو تہ جيڪر پنگت کان پاند ڪترائي وڃي راڻيءَ سان رهاڻيون رچايان.

مطلب:

51.1 گهر پيا، گهنگهر پيا.

51.2 شاديءَ کان پوءِ، رلڻ پنڻ بند ٿيو وڃي.

## 52. جندٻ کڻ تہ جندٻ ڳؤرو، پڙ کڻ تہ پُڙ ڳؤرو (ورجيس)

زندگيءَ جا ڪي معاملا اهڙا هوندا آهن، جن جا ٻئي پاسا ڀاري هوندا آهن . ماڻهو هڪڙي پاسي کي ڳؤرو سمجهي ڇڏي ڏيندو آهي ۽ ٻئي کي هلڪو سمجھ ي وڃي چنبڙندو آهي. جڏهن تہ اهو بہ جلد ڇڏڻو پوندو اٿس. اهڙيءَ ڏکيءَ حالت کي جندٻ جي ڳؤراڻ ۽ سندس پڙ يا تونئر جي ڳؤراڻ سان مشابهت ڏنل آهي . ماڻهو جندٻ کي ڳؤر و سمجهي، ڇي؛ پڙ هلڪو آهي سو کڻان ۽ اهو بہ ڳؤرو هئڻ سبب ڦٽو ڪري تہ پوءِ ائين محسوس ڪندو.

مطلب:

52.1 ٻن ٻاهين ۾ ڦاٿل لاءِ ائين ڪتب آڻبو آهي.

52.2 اڳيان باهه، پويان پاٽي.

52.3 هڻ پيرن پر تہ بينو آهي مٿي پر، هڻ مٿي پر تي بينو آهي پيرن پر.

52.4 اڳيان درياهه جي موج، پويان فرعون جي فوج.

52.5 اڳيان پٽ، پويان پاٽي، بغداد مُنيءَ ۾.

52.6 Between devil and deep sea.

### 53. جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، بڪ‌مري سوئي. چوٽي

پنداري ۾ يا خيرات جي ماني ورهائڻ ۾ ، ڏنو ويو آهي تہ ورهائيندڙ، ماٺهن جي طعنن تنڪن جي پرَوَ ڪان، پيو ورهائيندو آهي. سمورا ونڀي ويندا آهن ۽ پوءِ ٻيا ونڻ لاءِ ايندا آهن . پنهنجي لاءِ نہ رکي سيني ڪي ڏيندو آهي . گهر ۾ بہ جيڪڏهن، وڏڙي ويهي ونڊيدي وره ائيندي تہ پنهنجي لاءِ آخر ۾ فقط ڪنو چٽڻ لاءِ بچندو اٿس.

مطلب:

53.1 ورهائڻ واري لاءِ، پنهنجو حصو بہ نہ بچندو آهي.

53.2 جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، ڍَوَ ڪري سو ئي (ابتو).

53.3 جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، دوزخ وجي سو ئي (ابتو).

### 54. جنهن ساه ڏنو آهي، سو گراه بہ ڏيندو(چوٽي)

گراه: گره، نوالهه، روزي روٽي.

دنيا جي تختي تي موڪلڻ کان اڳ ۾ ئي، رب پاڪ ماڻهوءَ جي روزيءَ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي . جيڪا لوچي ڪيس لهڻي آهي. جنهن لاءِ ڪيس بہ هٿ، بہ پير ۽ دماغ بہ عطا ڪيو اٿائين.

ان جي برعڪس ٿوٽي ماڻهو، رڳو لال جا آرسي ٻڌجي، ٻانهن سيراندي ڪري ستا پيا هوندا آهن ۽ پوءِ وينا چوندا آهن: ”پاڻهيئي غيب مان ڏاڪون ڊڪجي ايندو . چو جو جنهن پيدا ڪيو آهي، سو پاڻهيئي ڪارائيندو. هڪ در بند ڪيو اٿائين تہ پنج وري ٻيا پٽيندو.“

بيشڪ ڏيڻ وارو تہ رب پرور ئي آهي . تنهن هوندي بہ شينهن وانگر لوچي لهجي، لومڙيءَ وانگر نوسي پرائو نہ تڳائجي.

مطلب:

54.1 روزي ڏيڻ، رب ڪريم جي ذمي آهي.

### 55. جهڙو گهر، تهڙو پر (ورجيس)

گهر: گهر ۾، پنهنجي علائقي ۾.

پرُ: پرديس ۾، پرائي گهر ۾ .

هڪڙا ٻار، گهر ۾ تہ چلولا ۽ حرڪتي هوندا آهن . گهر جو ڪوبہ ٿپڙ، سندن هٿ جي نشاني کان، بچيل ڪين هوندو آهي. اهي جڏهن پرائي گهر هلندا آهن تہ ڏاڍا معصوم ۽ شريفڙا ٿي پوندا آهن.

ان جي برعڪس ٻيا ٻار اهڙا آهن، جيڪي گهر ۾ بہ شريف تہ ٻاهر پڻ . يا گهر ۾ بہ حرڪتي تہ پرائي گهر ۾ ساڳي هٿ- ڪينس هوندي اٿن. اهڙن ٻارن لاءِ ائين مثال ڏبو آهي.

مطلب:

55.1 ماحول جي مٽ جو اثر نہ وننڊڙ.

### 56. جهڙي ڇالي، تهڙي پني، هُن لاهي هُنَ کي ڏني.(پهاڪو)

ڇالي ۽ پني، اکين جي بيمارين جا نالا آهن . ٻنهي ۾ اکيون اتي ڇالا ٿي پونديون آهن . هڪ مان بيزار ٿي ٻيءَ جي تمنا ڪرڻ واري کي، ساڳي ئي تڪليف ٿيندي.

مطلب:

56.1 جهڙو هڪڙو ڪلچٽو يا بدمعاش آهي، تهڙو ئي ٻيو بہ ڪلچٽو ۽ بدمعاش آهي.

56.2 پيٽيو: نڪا گهٽ گهوٽ ۾، نڪا ڪمي منجهہ ڪنوار.

### 57. جيڏا شهر، تيڏا قهر (چوڻي)

شهر، ڳوٺ جي پيٽ ۾ هڪڙي گوناگون وستي آهي . جتي منجهس انيڪ سهوليتون ۽ آسائشون آهن، اتي منجهس خرابين ۽ براين جا بہ انبار آهن . ڪيئي ڏينهن ڏني جو ٿيل گناهہ /قتل لڪيو وڃن. ديناداستيءَ لٽيل عزتن جو تدارڪ ڪونہ ٿئي . ننگ ناموس، اڻ لکو غير محفوظ رهي ٿو . ان حساب سان شهرن ۾ قهر ۽ قيس ٿين ٿا . ڦورو ويهي ڦولهہ تہ الامان والحفيظ لڳي پئي آهي.

مطلب:

57.1 شهر جيڏو وڏو، منجهس پاپ ۽ ڪڪرم، انياءَ ۽ پاکنڊ جو پرچار بہ اوڏو وڏو.

### 58. جيڪو پيئي ترو، تنهن کي تپ نہ ٿئي ٻرو (چوڻي)

اڳاٽي دور ۾، ڳوٺن ۾ وڏڙيون ويچاريون اگهن ٻارن / ٻين لاءِ پاڻ ستيون ڦڪيون گهوٽينديون ۽ چاٽينديون هيون. ڪن سٺين جو سَٽُ ڪيبو هيو ۽ کي گهوٽي پاڻيءَ ۾ پيئبيون هيون تہ ماٺهو چاق ٿي پوندو هيو.

پاڻيءَ ۾ ملڻ جي باوجود ڪن سُٺين جو سفوف، ڳرند و ڪين هيو پر ترو وڃي وننڊو هيو . تڪڙو پيئڻ سان، اتاچرو پاڻي تہ ٻار پي ويندا هيا پر تري ۾ رهيل ڪڙو سفوف رهجي ويندو هيو . بيمار لاءِ اهو سفوف پيئڻ ضروري سمجهندي وڏڙيون ائين چونديون هيون.

مطلب:

58.1 چاق ٿيڻ لاءِ ڪڙي دوا پيئڻي پوندي .

58.2 موالي بہ گهوٽيل ڀنگ جي جوڳ ۾ پاڻي ملائي پيئڻ وقت، مرم پرچائڻ لاءِ ساڳيو نعرو هڻندا آهن: جيڪي پيئن ترو، تن کي سور نہ ٻرو.

### 59. جيڪو مڙيو، سو جڙيو (چوڻي)

جهيڙي، بحث ۽ تڪرار/ ضد مان ڪي ڪين وريو آهي. دانائي مڙي وڃڻ يا صبر ڪرڻ ۾ آهي. صبر سان، ڏکيا ڪم بہ آسان ٿي پون ٿا. جهيڙي ڪرڻ سان پنهنجي جان بہ جوکم ۾ وجهڻي آهي.

مطلب:

59.1 پنهنجي پاڻ کي سوا سير سمجهي تڪرار ڪرڻ کان بهتر آهي تہ مڙي وڃجي.

59.2 جن ڇڏي دعوىٰ، سي ٿيا سدا ساوا.

59.3 صبر جن جو سينگ، تير نہ گسي تن جو.

### 60. جيڪو ٻن زالن جو ور، تنهن جو مساڻن ۾ گهر(چوڻي)

جتي ٻه پهاجون هڪ گهر ۾ هونديون، تتي ٽِڙڦِٽ ڙ ضرور هوندي . هرڪا سياري جي سوڙ پئي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي. هرڪا پئي مڙس ۾، پنهنجو حق وڌيڪ سمجهندي . وڏي ۽ ڪراڙي چوندي: ”مون اجازت ڏنيمانس تڏهن پرڻيو. هاڻي منهنجي چوڻ تي هلي.“ ننڍي نيٽي پئي چوندي: ”مون ڪانسواءِ ڇُري ڪونه ٿو سگهي. وڏيءَ ڏانهن ارواح ئي ڪونه ٿو وريس . تنهن ڪري جيئن مان چوان تيئن ٿئي .“ ائين مڙس جي زندگي ئي زهر ڪري ڇڏينديون . پاڻ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڪانداريون، ويچاري لاءِ ويل ويهاري ڇڏينديون.

مطلب:

60.1 ٻن جوئين جو ور، تنهن جو جيئڻ ئي جهنم ۾ گهر.

60.2 ٻه- جوئيو تيڻ ڪان، ٿوهيو تيڻ چڱو.

60.3 جتي ٻه پاندا هوندا، تتي ٺهڪا ۽ ڪڙڪا پڻ هوندا.

### 61. جيڪو رُسي، تنهن جو ڀاڱو سسي (چوڻي)

گهر ۾ جيڪا شيءِ ايندي آهي، سا حصي رسيءَ سان گهر ڀاتين ۾ ورهائجندي آهي . اهڙي موقعي تي جيڪڏهن ڪو گهر ڀاتي ٻارا ٻڙ ڪري رسي يا گهٽو گهرڻ لاءِ ڪيٽو ڪري، تڏهن هرڪو سندس انهيءَ رويي تي پريشان ٿئي . جيڪڏهن ڪيٽي ڪرڻ وارو ٻار، سيني جو دادلو آهي ته پوءِ سڀ پيا پنهنجي ڀاڱي مان حصو ڏيندس . جيڪڏهن ٻار دادلو ناهي ۽ ائين ڪيٽو ڪيو اٿائين ته پوءِ خار ۾ ڪونه ڪو ڀاتي سندس ڀاڱو اهو چئي ڪائي ڇڏيندو آهي ته : ”نه ٿو ڪائي ته نه ڪائي، رکي وڃائڻ ڪان، مان ٿو ڪائي ڇڏيان!“

مطلب:

61.1 حصي ونڊ تي ڪِلڪل/ گهڻي يا ڪيٽو پٽِڪڻ نه گهرجي. ان سان ايندڙ ڀاڱو به رُسي/ سُسي ويندو آ.

### 62. جيڪي وٽيو، سو ڪٽيو (ورجيسي جملو)

وٽيو: حاصل ٿيو، نفعو مليو.

ڪٽيو: ماڻيو، پلئه پيو، غنيمت.

دڪاندار کي سجي/ڪٽل گراهڪ مان، ڪنهن اڌوراڻي يا ڪسي شيءِ جي بدلي جيڪي ملي سو غنيمت سمجهڻ گهرجي. رپئي جي بدران ڇهه آنا ملنس ته به جڻ ڪٽيائين.

مطلب:

62.1 دڪاندار لاءِ رکي پڇتائڻ ڪان، ڏئي پڇتائڻ چڱو آهي.

62.2 پڳل/عيب/ نقص واري شيءِ جي بدلي، جيڪي مليو سو غنيمت.

### 63. جيئن ٽڏ، تيئن وڏ(ورجيس)

هر معاملو گرميءَ تي اپامندو ۽ واڌ ڪائيندو آهي. ٽڏ سان ٽڏو ۽ مانو ٿيندو آهي. تنهن هوندي به ڪي اهڙا مرحلا يا معاملا آهن، جيڪي ٽڏ پوڻ سان ماچ ڪائيندا آهن . جيئن ٽڏ پوڻ سان زيتون جو فصل طاقتور ۽ پلو ٿئي . ٽڏ پوڻ سان، اَٺَ به دِلِي ڪدي مست ٿين . اهڙيءَ طرح چريا به ٽڏ ۾ مست وڌيڪ ٿيندا آهن . متن چريائپ جا دوُرا ٽڏ ۾ ئي سبيل پوندا آهن.

جيڪي معاملا تڏ تي وڏيڪ اسرن، تن کي چرين سان مشابهت ڏيڻ لاءِ، ائين چئبو آهي ته، ”فلاڻي جو معاملو يا طبيعت ائين آهي: ”جيئن تڏ، تيئن وڏ“.

مطلب:

63.1 ”چريا ڪيئن؟“ چي: ”جيئن تڏ، تيئن ويرؤن وير وڏ“.

### 64. ڄاڻا، ابتا ڏاڻا (چوڻي)

ڄاڻو: نياڻو، ناني، ڏيءُ جو وَرُ.

نانيءَ جو پنهنجي زال سان ڪيل ورتاءُ، ساهرن تي اثر انداز ضرور ٿيندو آهي . زال سان چڱو نه هليو يا ٻين معاملن ۾ ساهرن سان چڱو نه هليو ته به ڌيءَ جا والدين ويناٺ ڌيءَ جي ڪري سهندس . ڪي نياڻا ته ساهرن جي انهيءَ مجبوريءَ مان فائدو وٺندي، پيا ڪين مڏيءَ ڪاتيءَ سان ماس ڪوريندا آهن.

مطلب:

64.1 ڄاڻا، ڏاڍا ڏنپ ڏيندڙ هوندا آهن.

64.2 ڏاڻي وَرُ هڪڙو، ڄاڻي وَرَ ويهه.

شل نه ڄمي ڌيءَ، جو ڏجي پرائي پٽ کي.

### 65. ڄٽ ڇا ڄاڻي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان (پهاڪو)

ڄٽ: جاهل ماڻهوءَ کي اخلا قي قدرن جي ڄاڻ نه هوندي آهي . تنهنڪري عزت ۽ مان جو به قدر نه هوندو اٿس . خوشامد ڪري جيڪڏهن چڱو طعام پيش ڪبو اٿس، ان منجهان به پيو عيب ڪيندو آهي . جڏهن ته ڪيس گهر ۾ کائڻ لاءِ جوئر جو ڍوڍو يا ٻاجهريءَ جي ماني به نه هوندي. پيش ڪرڻ تي، پيو ڪٽڪ جي اوڦراڻي مان عيب ڪيندو.

مطلب:

65.1 نيڪيءَ جي بدلي ۾، اڳلو قدر ڪرڻ بجاءِ ڪانڊائي ڪري ته ائين چئبو آهي .

65.2 جاهل ماڻهو، نا قدرو ٿيندو آهي.

65.3 ڄٽ ڇا ڄاڻي، چڱائيءَ مان.

65.4 ڪتو ڇا ڄاڻي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان.

65.5 باندر ڇا ڄاڻي، بصرن جي سواد مان.

### 66. ڄٽي نون رونا ياران نون،
### لي لي نانءَ پراوان نون (پنجابي پهاڪو)

ڄٽي: ڄٽي، ڄٽ قوم جي جوانڙي.

هڪڙيءَ ڄٽي عورت جو هڪڙي رانجهن سان روح رليل هيو . هڪ دفعو ڪمائي خاطر سندس پيائر ۽ اهو رانجهن رلجي، ڪنهن سفر تي ويا . ڏاڍا ڏينهن لاتائون . اها جوان عورت، پنهنجي محبوب کي ياد ڪري پئي پسارا ڪيندي هئي. چپن تي پيائن جا نالا هوندا هيس پر اندر ۾ رانجهن جي ياد هوندي هيس.

مطلب:

66.1 جيڪو بظاهر ٻين لاءِ روئي ۽ اندران پنهنجي غرض هجيس، تنهن لاءِ ائين چئبو آهي.

66.2 اندر ۾ هڪڙي، ٻاهر ۾ ٻي.

66.3 زبان تي الله الله، دل ۾ ڳئون ۽ ڳڏھ.

### 67. ڄڻيءَ پسايو سُٽ، واڻيي وڏس وٽي، ڄڻيءَ ليکي واڻيو قريو، واڻيي ليکي ڄڻي (پهاڪو)

پاڻ هرتڙيون مايون، ڳگهران نکري خريداري ڪنديون آهن. مڙسن کي چونديون: ”نہ ڪپڙي جي ٿي خبر پئيوَ ۽ نہ ئي اگهہ جي جاڻ اٿو. اهي دڪاندار اوهان جي سڪي پاڪيءَ سان ٿا سيرب ڪن! اوهان ويهو گهر جي سنڀال تي، اسان ٿيون خريداري ڪري اچئون. ڏسئون تہ ڪيئن ٿا دڪاندار ڪسي شيءِ، مهانگي ڪري ڏين!“

خريداريءَ ڪانپوءِ خوش هونديون آهن تہ واڻيي کي قري آيونسين . ويچارين کي واڻئي جي وڪڙن ۽ اٽڪلن جي خبر ئي نہ هوندي آهي. پاڻ تہ ٻارهين مهيني واڻيي وٽ آيون آهن. جڏهن تہ واڻيو ڏينهن ۾ اهڙين سوين مت جي موڙهيلن جا مٿا پيو ڪوڙي.

مطلب:

67.1 چالاڪ جي چالاڪيءَ آڏو، مت موڙهيل ۽ اڻ پوميو پاڻ کي تيسمار سمجهي تہ ائين مثال ڏبو آهي.

### 68. جهنگ جهر جي جهرڪي، جهڻي وئي جهار (پهاڪو)

جهنگ جهر، جهرڪين جي چرڻ ڪان گهٽو آهي. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن جهار نہ هڪلبي تہ سڄيءَ ٻنيءَ مان هاريءَ کي ڪٽو ڪونہ نصيب ٿيندو . جهار ۽ جهرڪي ائين سڄي فصل کي اڏار ڪري وين دس جو ڪٽو نہ ملندس نالي ڪاڻ.

اهڙيءَ طرح کي معاملا لڪائڻ سان بہ ڪين لڪندا آهن . تو مان جي وات تي اچڻ ڪانپوءِ ، سڄي ملڪ ۾ پيا وڃندا آهن.

مطلب:

68.1 ڳجهي ڳالهہ پڌري تي پوي يا ٽيڪڙ نوس نوس ڪري ڪوج ڪري پيد هٿ ڪري تہ ائين مثال ڏيندا آهن.

### 69. ”چريا! چيڙاياڻءِ!“ چي : ”چيڙاءِ!“ (پهاڪو)

چريي کي چيڙائڻ لاءِ ڪانئس پڇڻ جي ڪا ضرورت نہ هوندي آهي . هو تہ اڳيئي چريو وتندو آهي . ڪا ڳالهہ ڏسي بہ پاڻ مرادو پيو ٻين سان ڪينس ڪندو.

خارباز نوجوان کي چيڙائڻ ۽ پوسرائڻ سان ، آپي ڪان ٻاهر ڪڍي سگهجي ٿو. بهتر آهي تہ ڪيس نہ پوسرائجي. موٽ ۾ هن بدلو ورتو تہ ناهي نوڪي هٿ ڳنديندو. پير ڪوڙي زهل مان ڏڪ هٽندو تہ آڏاري رڪندو.

مطلب:

69.1 چرين سان ڪينس نہ ڪجي.

69.2 چريو جک ماري تہ بہ پاسو ڪري هليو وڃجي، ڪيس موٽ نہ ڏجي.

69.3 ڪنهنجي پسرائڻ تي پوسرجي، چڙجي نہ.

69.4 چريءَ کي چيڙائجي، چئن پيٽرن خاطر.

### 70. چريءَ کي چوڙو، ڪڏهن ٻنهن ۾ ڪڏهن نڪ ۾ (پهاڪو)

چوڙو: ٻانهن ۾ پائڻ جو زيور آهي . ٻولي ۾ منڊيءَ جي ساخت، سائيز کان هٽي ڪري، لڳ ڀڳ چوڙي جهڙي هوندي آهي. ڪي چريِڻ يا مٽ جون موڙهيل، چوڙي کي بہ پازيب، منڊي ۽ ويندي طور پيون استعمال ڪنديون آهن.

اهڙيءَ طرح دنيا جا معاملات بہ آهن. سياڻا ماڻهو، نهيل اصولن ۽ قانونن تي پيا عمل ڪندا آهن، جڏهن تہ عقل جا سادا انسان پاڻ کي قانون ۽ اصول جو پابند ئي نہ ڄاڻندا آهن . جيئن جيءَ ۾ ايندو اٿن، تيئن پيا ڪندا آهن ۽ ان کي ئي اصول/ قانون پيا سمجهندا آهن.

مطلب:

70.1 سادي عقل وارن لاءِ مثال جي طور ائين چئبو آهي.

70.2 چريءَ کي چوڙو، ڪڏهن ٻانهن ۾ ڪڏهن ٽنگ ۾.

### 71. چُلهہ ۾ اُماڙي، رنڙ کي جوءِ پياري (تڪبند چيڙ، چوٽي)

رنڙ: جنهن جي زال مري وئي هجي . جنهن کي زال ناهي سو، ساڻس پيار ڪيئن ڪندو، سواءِ ڪيس ياد ڪرڻ جي. جڏهن ماڻهوءَ کان قدرتي نعمت کسجي ويندي آهي، پوءِ ئي تڏهن ڪيس ا حساس ٿيندو آهي ۽ جهوريءَ ۾ پيو جهڄندو آهي. سندس انهيءَ ڪمزور رڳ کي ٻار بہ تاڙي ويندا آهن ۽ پيا پوسرائيندا اٿس.

مطلب:

71.1 ڪي تڪبند چٽرون بہ آهن، جن منجهان رنڙن لاءِ اها هڪ آهي.

71.2 عيد عيد مشالو، دشمن جو منهن ڪارو.

71.3 عيد عيد جي ڄاڻي، دشمن جي چوٽ ڦاٽي.

71.4 سيءُ پوي ٿو هاروهار، سمهو ڏار و ڏار.

سيءُ پوي ٿو هڏوهڏ، سمهو ڳڏ وڳڏ . وغيره .

### 72. چمڙي وڃي، دمڙي نہ وڃي (ورجيس)

دمڙي: ڪسيرو، ڏيلو، ڪوڏي، رائج الوقت سڪي جو انتهائي ننڍو جز.

چمڙي: کل، جسم جو عضوو.

ڪي ڪم، جان کي جوکم ۾ وجهڻ کان بچڻ لاءِ، ناڻو ڏئي ڪرائبا آهن. ڇو جو دنيا جا سمورا ڪم، اڪيلي سر ڪرڻ کان زور آهن. ونڊي ورهائي مٺهہ تي ڪم ڪرائجن تہ بهتر آهي . تنهن هوندي بہ ڪي ڪنجوس ، مکي چوس يا چمر چوس ماڻهو، پاڻ کي وڏي هلاڪت ۾ وجهندا آهن پر پئسو خرچ نہ ڪندا آهن.

مطلب:

72.1 مها ڪنجوس کي، انهن لفظن سان مثال ڏيئي، ٽوڪبو آهي.

72.2 مٿو ڀاڳو ساڄوٽئي، روپيو ڀاڳيو ساڄو نہ ٿئي . ٽري چوٽي.

72.3 اهڙو ڪنجوس جو چي: ”چمڙي وڃي، دمڙي نہ وڃي.“

### 73. چوٽڙو ئي چٽ (ورجيس)

هڪڙي ماڻهوءَ کي گهڻو مال هجي ۽ ٿورو نقصان ٿئيس تہ برداشت ڪري ويندو . ان جي برعڪس، جنهن کي چوٽائي ڪن ان يا ڇانورن جي هجي، سا بہ ڪنهن آپدا سبب تباهہ ٿي وڃيس تہ اهڙي ماڻهوءَ جو ڳاٽيٽي جي حساب سان

وڏو نقصان ليکبو.

مطلب:

73.1 الهه تلهه ڀهارجي وڃڻ.
73.2 پيٽيو: پئسا ئي پاٽيءَ ۾ وجڻ.
73.3 ڪودو ئي ڪوهه ۾ هئڻ.
73.4 پويان پير ڪاٽ ۾ هٽڻ.

### 74. چور جي ماءُ، ڪنڊ ۾ روئي (پهاڪو)

چور، بنيادي طرح بزدل ٿيندو آهي . پڪڙجڻ کان پوءِ بہ ڪوڪٽ نہ ڪندو آهي. جڏهن ڦاسندو آهي تہ مالڪ بہ بدناميءَ کان پوئواري نہ ڪندا اٿس . جڏهن متس ڏنڊا وسندا آهن، تڏهن سندس ماءُ بہ ڪنڊ ۾ روئيندي آهي . ظاهري طرح نہ روئندي آهي تہ متان ڪير ڪيس چور جي ماءُ ڪوٺي.

مطلب:

74.1 چور جي من ۾ چٽي.
74.2 چور کي پنهنجو پاپ اندر ئي اندر پيو کائيندو آهي.
74.3 چور وڻ جي پاڇي کي، ٽاٽي جو چارو سمجهي، پيو ڪانئس ڇرڪندو آهي.

### 75. ڇڙو، ٽڏو گهڙو (چوٽي)

ڇڙن جو ڪوبہ جهان ڪونهي . ڇڙو ماڻهو، پرٽيل جي پيٽ ۾ وڏيڪ گرم ۽ چڙچڙو هوندو آهي . ٽڏو گهڙو ٽيڻ لاءِ ڪيس شادي ڪرڻي ئي پوندي.

ڪي ماڻهو شادي ڪرڻ جي پاڻ ۾ هام نہ پانيءَ يندا آهن . شادي ڪرڻ سان ٻارن جي جنجهٽ ۾ جان جلائڻ آهي . پاڻ کي ٽڏي گهڙي سان تشبيهہ ڏيڻ جهڙا اصطلاح بہ دليل جي طور تي پيا گهڙيندا ۽ ٻڌائيندا آهن.

مطلب:

75.1 ڇڙي کي نہ ڪو جنجهٽ نہ ڪا ڳڻتي.
75.2 ٽڏو گهڙو پاڻ کي ڇانوَ ۾ رکرائي.
75.3 ڇڙي کي نڪا جهوري جهنگ جي، نڪا ثمر/ سمر سندي تات.

### 76. ڏڪ لڳي هڪڙي کي، تہ روئن ٻيا،
### اڇن جي ٽيان تہ ڳوڙها ڳاڙيندا وڃن (ڳجهارت، پهاڪو)

هيءَ هڪ ڳجهارت آهي، جنهن جي پڇڻي آهي: نار.

نار، کوهہ جي مٿان چاڙهيو آهي . نار جي ڏينگي تي لوٽين جي مالهہ ڦرندي آهي، جيڪا کوهہ مان پاڻي ڪڍي نيسر ۾ اڇليندي آهي. جتان ڪسيءَ/ هود ۾ ويندو آهي . ڏينگي کي ڦيرڻ لاءِ چڪر رکيل هوندو آهي، جنهن کي ڏاند ذريعي گهمائبو آهي.

ڏڪ ڏاند کي لڳندو آهي، جنهن ڪري چڪر ۽ مالهہ ڦرندي آهي ۽ چيچٽ سان آواز ڪندي آهي . مالهہ جي ڦرڻ سان پريل لوٽيون مٿي اينديون آهن ۽ پاڻي ڳاڙينديون وينديون آهن.

مطلب:

76.1 ربط ۾ تعلق جو سلسلو جڙيل هوندو آهي تہ هڪ جو اثر ٻئي تي ۽ ٻئي جو ٽئين تي پوندو آهي.
76.2 پيٽيو: بار گڏھ تي هينگي ڪوتي.

### 77. ڏڻ تہ ڏٽي، نہ تہ وڪڻ ڪٽي،
### وار تہ ڦٽي، نہ تہ ڪوڙاءِ ڪٽي (پهاڪو)

ڏڻ: ٻڪرين يا رڍن جو ولر، ڌارڻ سولو پر سنڀالڻ ڏکيو آهي . ڇو جو رڍ ۽ ٻڪري ڪمزور بہ ٿينديون آ ۽ طبعاً پاٽهرتڙي بہ ٿيندي آهي. هر وقت سار سنڀال نہ ڪبي تہ ڏڻ رلي ويندو.

وار بہ ڦٽي ڦوڪاري سان تازا توانا ۽ سينگاريل رهن ٿا. ٻي صورت ۾ ٻڦي ۽ جوئن جي رهائشگاهہ بڻجي وڃن ٿا .

مطلب:

77.1 ڏڻ ڌارجي تہ ڏٽين جيان ٽهل بہ ڪجي. وار رکرائجن تہ ڦٽي ڦوڪارو ۽ سينٽ سرمو بہ ڪجي.
77.2 جيڪو هٻچ ڪري سامان سڙو وني اچي پر صفائي سترائي ۽ ٽهل ٽڪور نہ ڪري تنهن ڪي مثال ڏئي ائين سمجهائبو آهي.
77.3 ڪيتي، سر سيتي.

### 78. ڌوٻي ڌوئي، مالڪ روئي (پهاڪو)

ڌوٻيءَ ڪي مزدوريءَ سان غرض آهي . ڪپڙن ڪي ڌوئي ، فقط پنهنجي مزدوري ڪري ڪرڻ لاءِ تو . جيتوا گهٽا ڪپڙا ڏينهڪ نيڪال ڪندو، اوتري مزوري جڙندس . تنهن ڪري سندس ڪوشش اها هوندي آهي تہ هڻ -وٽ ڪري، سٽي ڪٽي جلد پلد ۾ گهٽا ڪپڙا ڌوئان . پوءِ ٿاڦي تي زور سان پيو ڪپڙا سٽيندو، جنهن ڪ ري اڻ جهالائو ڪپڙا تہ ليڙون ليڙون ٿي وڃن پر ڏاڍا ۽ ڇگيرڙا بہ ڇهڪن ڪان آجا نہ رهن . نتيجتاً ڪپڙي جي مالڪ لاءِ، سواءِ روئڻ جي ڪو چارو ئي نٿو رهي.

مطلب:

78.1 شيءِ جو قدر مالڪ ڪي ٿيندو آهي.

### 79. ڏيءُ وجهجي ڪکين، وجي پوي لکين (چوڻي)

ڏيءُ، پرائو ڏڻ آهي، ڪيس هر حالت ۾ شينهن ڪلهي چاڙهڻو آهي . ڪيس وَرُ شانائتو ڏجي تہ جيئن سدائين لاءِ سکي رهي ۽ والدين ڪي دعائون ڏيندي رهي . اڪثر ماٽهو، انهيءَ ڳولها ۽ سوچ ويچار ۾ ئي ، نياٽي ويهاري متو اچو ڪري ڇڏيندا آهن.

نياٽيءَ لاءِ بهتر آهي تہ سکيو ستابو گهر نہ ملي تہ ڪکائين گهر ۾ ڏئي بار لاهجي ۽ مالڪ ۾ اميد رکجي . مالڪ جي مهربانيءَ سان، پير رکندي ئي گهر ۾ خير برڪت ايندن ۽ لکن وارا ٿي ويندا.

مطلب:

79.1 ڏيءُ اٿارڻ لاءِ ضروري ناهي تہ لکن وارو نياٽو ملي تہ اٿارجي . توڪل ڪري اٿاري ڇڏجي ۽ اميد رکجي تہ مالڪ ياڳ پلو ڪندس.
79.2 (مِٽي مائٽي) لوڻ جي ڏسي ڪجي، ڪنڌ جي ٿي پوندي.

## 80. ڏنو، ہنو (چوٽي/پهاڪو)

جيڪي دان پچ يا خير خيرات ڏجي ٿي سا آيل يا ايندڙ آفتن کي روڪڻ لاءِ بند/ ہنڊ يا ہنو آهي.
بيماريءَ وغيره ۾ صدقو خيرات ڪرڻ سان صحت موٽي ملي ٿي. جان جو صدقو ائين بہ ڪيندو رهجي. صدقو، ردِ بلا آهي.

مطلب:

80.1 جيڪي ڪٽا پوڪٽا آهن سي هتي ئي پوڪجن تہ جيئن آخرت جو پلو ٿئي.

80.2 ڏي ڪٽو، ملئي گهٽو.

80.3 پيٽو: ايڪ ديوي، دس پاوي.

## 81. ڏي ڏالي، ملئي مالي (چوٽي)

دنيا جو ڪار وهنوار، ڏيڻ ونڻ سان هلي ٿو . ہين کي تحفا تحائف ڏبا تہ اهي بہ نوازيندا . ہين تي خرچ ڪبو تہ اهي بہ خرچ ڪندا. سهوليتون ڏئي مراعتون حاصل ڪجن ٿيون.
آفيسرن وغيره ۾ رڪيل / ڦاٽل ڪم بہ ڏني وٺي ڪانسواءِ نہ ٿا اڪلائجن . هڪ هٿ سان ڏئي، ہئي سان ونجي ٿو.

مطلب:

81.1 رشوت ڏيڻ سان، ناجائز مراعتون حاصل ڪرڻ واري لاءِ، ائين مثال ڏئي سمجهائبو آهي.

81.2 پيٽيو: ڏنو، ہنو.

## 82. ڏي ڪٽو، ملئي گهٽو (چوٽي)

دنيا دارن جي سودي ۾ جيترو ڏبو، اوترو ملندو. مالڪ مهربان سان ڪيل واپار ۾ ڏهہ دنيا ۾ ستر آخرت ۾ ملڻ جي اميد آهي ۽ ملن بہ ٿا . ڪٽو ڏجي ٿو تہ بعضي خرار بہ مليو وجن . ڪڏهن ڪڏهن تہ ڏيڻ جو ارادو ڪرڻ سان بہ ڪيچ ٿيو وجن. چو جو هو مال کي نہ ٿو ڏسي ، بلڪ دل کي ڏسي ٿو . جهڙيءَ دل/ نيت سان خيرات ڪبي، اُهڙي ئي نيت (Formula) سان دنيا ۽ آخرت ۾ بدلو ملندو.

مطلب:

82.1 رب جي راهہ ۾ خرچ ڪيل ڪٽي مان خرارَ انَ جا ملي وجن ٿا.

82.2 پيٽيو: ايڪ ديوي، دس پاوي.

## 83. ڏينهان پگهارو، راتيان پارو (ورجيس)

چِٽ جي موسم ۾ ڏينهن تکا ۽ راتيون ٿڌيون ٿينديون آهن . رات جو پارو ۽ ٿڌ پوندي آهي. ٻاهر سمهہ تہ سيءُ، اندر سمهہ تہ رُڳهہ . اندر پکو هلاءِ تہ زڪام، يا هر سوڙ لٽي تہ بخار آيو . ڏينهن جو تکي اس تي ويتر طبيعت خراب ٿئي. يڪدم ٿڌ وري يڪدم گرمي، طبيعت کي لوڏي وجهنديون آهن.

مطلب:

83.1 ان مند لاءِ ائين چئبو آهي جنهن ۾ رات ٿڌي ۽ ڏينهن گرم ٿئي.

83.2 ڦڳڻ ڦوسارو: راتيان پارو، ڏينهان پگهارو. (چوٽي)

### 84. ڏينهن، شينهن (چوڻي)

شينهن: جهنگ جو اهو دلير جانور آهي، جنهن کان مڙئي جانور پيا ڪَوَ ڪائيندا آهن . ڏينهن کي بہ شينهن سان مشابهت آهي. ڏينهن ڏتي جو، بزدل ماڻهو بہ پيو شينهن وانگر دلير ٿيو گهمندو آهي.

ڏينهن: روشنيءَ سان منور آهي، روشني حق ۽ سچ جو مظهر آهي . حق ۽ سچ بزدليءَ کي دور ڪري دلير بڻائيندو آهي ۽ دليري، شينهن جو خاصو آهي.

مطلب:

84.1 مسافري وغيره تي رات جو ڪير بہ نہ نڪرندو آهي ۽ ڏينهن جو نڪرڻ لاءِ ائين دليل ڏيندو آهي: ڏينهن شينهن آ.

### 85. ذرڙي جونءِ، سپ جي نُهنِ (پهاڪو)

جونءِ: مٽي جي وارن ۾ رهندي ۽ وڌندي ويجهندي آهي. وار جي پاڙ ۾ گهر ڪري پئي رت پيئندي آهي. جنهن جي وارن ۾ هوندي ، تنهن جا نُهن تہ پيا ڳولهيندس ۽ ڦلهوڙيندس پر مٽي ويڙهڻ واري يا جونئن ڪڍڻ واري مائيءَ جي نهن کان ڪين بچي سگهندي. ڳولهي ڳولهي، ٻنهي آڱونن جي نهن ۾ آڻي ٺڪاءَ سان پئي پيچي ماريندس.

مطلب:

85.1 آزاريندڙ شيءِ ڪيتري بہ ننڍي هج ي، سيڪو ڳولهي پيو ماريندس . جيئن وچون، بلا، نانگ، منگهڻ ۽ مچر وغيره .

### 86. رات رهو، صبح پنڌ پئو. (ورجيسي جملو)

جيڪي مسافر رات رهن وري صبح جو پنڌ پون ۽ روڪڻ سان بہ نہ رڪجن تن کي ائين چئبو آهي . اڻ سڌيءَ طرح چٽر اها هوندي آهي تہ فقط پنهنجي رات گذاري جي غرض سان اچي رهيا آهيو ۽ اسان جي ڪا سڪ ئي نہ هيئو. جيڪڏهن اسان جي سڪ لاهڻ آيا آهيو، سا تہ نہ لڳي آهي. ڏينهن جي ڪچهريءَ سان سا لهندي.

مطلب:

86.1 رات پنهنجي گذاري/ مطلب لاءِ رهجي تہ صبح جو ميزبان جي دل وندرائڻ لاءِ ضرور ترسجي . يڪدم مطلب ڪڍي نہ ڀڄجي.

### 87. راجا جي گهر، موتين جو ڪال ؟ (پهاڪو)

ڪال: موت، ڏڪر.

راجا، ڪنهن علائقي جو والي يا بادشاهہ ٿيندو آهي . وٽس مڙني کان ملڪيت ۽ سون مڃن وڌيڪ هوندو آهي . ملڪ جا مڙئي نہ تہ بہ چڱي تعداد ۾ موتي سندس گهر ۾ هوندا آهن . اتي موتين جو قحط تہ ٿي ئي نہ ٿو سگهي . اها اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي.

مطلب:

87.1 اڻ ٿيڻي ڳالهہ لاءِ، حيرت وچان ائين مثال ڏئي پڇبو آهي.

87.2 هٽ ڦاڙ ۽ گهڻ خرچائو ماڻهو، روڪڻ تي رد ڏئي اهو دليل ڏيندا آهن.

87.3 جيئن ڪير اوڌر نہ ڏيندو آهي تہ ڏيڪ طور ڪيس چئبو آهي، ”اڏاري جي ماءُ مئي آهي ڇا؟ “ اهڙيءَ طرح، ”راجا جي گهر ۾ بہ موتين جو ڪال پئجي سگهي ٿو ڇا؟“ چئبو آهي.

### 88. رام رام جپ، پرايون ڳنڍيون ڪپ(پهاڪو)

رام رام: ساڌو ۽ سنت چپيندا آهن . نيت جا سچا ۽ خالص هوندا آهن . ڪين دنيا جي غرض نہ هوندي آهي . دنيا کي تياڳي پيا هلندا آهن. جنهن سببان سمورا سندن عزت ڪندا آهن. دان پنج بہ ڪين ڏيندا آهن.

ڪين بنا محنت/ معاوضي جي ملندو ڏسي کي ڀڳهلا ڀڳت بہ ساڌيو روپ ڌرن ڪري ساڌو ٿي پوندا آهن . سندن نيت، پيٽ پوڄا ڪرڻ جي هوندي آهي. زبان تي رام جو نام هوندو اٿن پر نگهہ مال ۾ هوندي اٿن.

مطلب:

88.1 لالچي/ لوڀي ست پرشن لاءِ، ائين مثال ڏئي سمجهايو ويندو آهي.

88.2 پيٽيو: رام رام جپنا، پرايا مال اپنا .

### 89. رام رام جپنا، پرايا مال اپنا (پهاڪو)

جيڪي رام جو نام، ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ جپين ٿا، سي رڳو ٻين کي نہ پر پاڻ کي بہ ٺڳين ٿا.

مطلب:

89.1 خبيث روحن لاءِ، جيڪي مالڪ جو نالو وٺي ٺڳي ڪن ٿا، ائين مثل ڏبو آهي.

89.2 منهن ۾ ملان، اندر ۾ ابليس.

89.3 پيٽيو: اکيون چور جهڙيون، منهن مور جهڙو.

### 90. رَنَ! پَٽِيانءِ ڪن! (تڪبند جملو)

ڪنهن ننڍيءَ ٻارڙيءَ کي ، لاڏ ڪوڏ وچان ، اڳ وٺي ڪا ڳالهہ پڇڻ جي انداز سان ، ائين دڙڪي جو دڙڪو ۽ مهميز جي مهميز ڏبي آهي.

ڪن حالتن ۾ ڪنهن اڌڙوٺ عورت کي بہ ڪي هجائتا وڏڙا مرد مائٽ ائين هوشيار ڪندا آهن.

مطلب:

90.1 هن تڪبند جملي مان سواءِ ڪن مهٽ ڪرڻ جي، ٻيو ڪو مفهوم نہ ورتو ويندو آهي.

90.2 پيٽيو: ٻک! ملندءِ وڏا سک!

### 91. رَنَ ڪراڙي، مَلي مُساڳ (ورجيس)

مساڳ: ڏندڻ جي جاءِ تي، ڏندن کي اڇو ڪرڻ لاءِ ملبو آهي . ان سان ڏند اڇا ۽ چپ ڪارسرا ڳاڙها ٿي پوندا آهن. اکين ۾ پاتل سرمي جي ڪاري ريهہ سان اکيون ڪڪڙيون ٿي پونديون آهن . مساڳ جي ڪارڙي ڳاڙهي لڪير سان چپ بہ پرڪشش ٿي پوندا آهن. جيڪي ڪنهن جوانڙيءَ جي مک تي تہ مور نهندا آهن پر ڪراڙي ٻوٿ تي بلڪل بڇڙا لڳندا آهن.

مطلب:

91.1 ڪراڙي، مساڳ ملڻ سان نہ جوان ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ئي منجهس ڪشش پيدا ٿي سگهي ٿي. نہ وري پيريءَ ۾ ساٽس ڪير پرٽبو.

91.2 جنهن جي شڪل شيشا پچي، سو جيڪڏهن سورنهن سينگار ڪري تہ ڪيس انهيءَ مثال سان ٺوڪبو آهي.

### .92 رهي، نہ سهي (ورجيس)

رهي سهي: جيسي، جوڙ جس، هم منصب ۽ هم نسب.

ماڻهو هميشہ هم پيشہ سان دوستي رکندو آهي. هم منصب سان اٿندو ويهندو آهي ۽ هم منصب سان رشتيداري کندو آهي.

جيڪڏهن کو نہ دوست هجي ۽ نہ جيسي هجي، پوءِ بہ پيو تعلقات لاءِ واجھ وجهي تہ کير بہ ڏانهنس ڏيان نہ ڏيندو. جيڪڏهن پوءِ بہ نہ مڙي تہ کيس چوندا آهن، ”تون اسان جو نہ رهي نہ سهي، پوءِ چو ٿو پويان لچ لچ کرين.“

مطلب:

92.1 نہ هم منصب ۽ نہ هم نسب (هئڻ).

### .93 موڙي ؛ جتي رکي اتي پوري (چوٽي)

موڙي: رقم، Capital Cost

پهرين ڳالهہ تہ زالون، ٻاهر وجي نوکري کري کمائين کونہ ٿيون، جو وٽن موڙي جمع ٿئي . جيڪڏهن ٻاهر وجي بہ کمائين يا مڙس جي کمائيءَ مان ميڙا چوندي کن بہ تہ کيڏانهن کن ! يا وري بہ مڙس کي ڏين يا وجي پيکن ۾ ساندين. پيڪاٽي گهر ۾ بہ گهرج تہ آهي ئي آهي . جتان موٽائڻ بہ سولو ناهي . وڏي واک گهري نہ ٿي سگهي، چو جو مڙس کان لکائي رکي اٿائين . واکو ٿي کري تہ مڙس وٽ ٿي پٽ وائکي ٿئيس: ”کيسا کتري مڙس جا، گهر پري پيکن جا!“

مطلب:

93.1 ويچارين عورتن جي موڙي، هِتي هُتي لکائڻ سان بہ نہ ٿي لکي.

### .94 زبان آهي ننڍڙي، پر وه جي ڳنڍڙي (چوٽي)

زبان، ذرڙي ماس مان جڙيل آهي . منجهانئس الائي چا چا ٿو ڳالهائجي . منو ڳالهائي ماڻهن کي موهي وجهجي ٿو. اگرو ڳالهائي مائٽن کي بہ کک کري وجهجي ٿو.

منڙي زبان سان، دشمن جي دل بہ کٽي سگهجي ٿي. زهريلي زبان سان، دل گهريا دوست ۽ من گهريا مشتاق بہ ڦٽائي ڇڏجن ٿا. اها ئي عزت کرائي، اها ئي خوار کرائي.

مطلب:

94.1 زبان تي کنٽرول رکڻ ضروري آهي.

94.2 زبان نہ جاڻ ننڍڙي، اٿئي وِهَ جي ڳنڍڙي.

94.3 جونءَ آهي ننڍڙي، پر چگن/ وڏن جا ٿي پٽکا لهرائي.

94.4 زبان چم جي، کنهن نہ کم جي.

94.5 اها ئي زبان چانءَ ۾ ويهاري، اها ئي زبان اس ۾ ويهاري.

### .95 سانوڻ جو ستو، نہ کانءُ نہ کتو (چوٽي)

سنبت سال جو مهينو سانوڻ: عيسوي سال جي جولاءِ جي اڌ کان شروع ٿي آگسٽ جي اڌ ۾ پورو ٿيندو آهي . سانوڻ مهيني جي ختم ٿيڻ سان، سانوٽيءَ جي يا گرمين جي حد پوري ٿيندي آهي . سارين جا رونبا ۽ جوئر جي پوکائي، سانوڻ جي مهيني ۾ ٿيندي آهي.

سانوڻ جي مهيني ۾، جيڪڏهن هاري نڪمو ٿي ستو پيو هوندو ته فصل پوکڻ جو وقت هٿ مان نڪري ويندس. اهڙي صورت ۾، فصل لهڻ وقت ، سندس حالت ڪتي ۽ ڪانءَ ڪان به پري هوندي . چو جو ڪتي ۽ ڪانءَ کي لُوه/ سٽ ڏيڻ سان ڪجهه نه ڪجهه ته ڦبندو آهي پر هن کي اهو به نه ڦبندو.

مطلب:

95.1 سانوڻ ۾ سستي ڪرڻ نه گهرجي.

## 96. سچ ڪٽي، يا ٻج ڪٽي (ورجيس)

ڏينهن جو مداءُ، صبح کان شروع ٿي شام تائين پورو ٿئي ٿو . هڪڙي هاريءَ کي زمين ۾ ٻج پوکڻو هجي ته لازمي طرح ڏينهن جو پوکيندو . اُورچ ۽ محنتي هاري، صبح مردان جو الاتوهار (الله تو آهر) ڪري هلي بيهندو آهي، تيستائين ٻنيءَ مان ٻاهر نه نڪرندو آهي، جيستائين ٻج ڇٽي پورو نه ڪري يا سج لهي نه وڃيس.

مطلب:

96.1 زبان جي پڪي ۽ محنت ڪان لنوائيندڙ لاءِ ائين مثال ڏبو آهي ؛ ”فلاڻو ڪم جو شينهن آهي . تيستائين پيو هلندو آهي، جيستائين يا ٻج ڪٽيس يا سج ڪٽيس.“

96.2 هل هلان، اڻ ٿڪ محنت.

## 97. سج لٿو، چوڪر ڊٺو (چوٽي)

ڊٺو: سمهي پيو.

چوڪر/ ٻار کي سارو ڏينهن راند ۾ ۽ ڇَڻ ڪان سواءِ ڪو ڪم ڪار ڪونهي . سج لٿي اونده ٿيڻ سان، سندس راند به پوري ٿيندي. ٿڪ به محسوس ڪندو. ٻاهر اونده ۾ نڪرڻ ۾ به پؤ پيو محسوس ڪندو . هاڻي ڪيس سمهڻ ڪان سواءِ ٻيو چارو ڪونهي . وڏن وانگر ڪيس ، ڏينهن جي ڪيل ڪمن جو حساب، سوچ ويچار ۽ وچور ناهڻي ناهي . تنهنڪري ڪِرڻ شرط، ڪيس ننڊ ڪنيو وڃي.

مطلب:

97.1 ٻار کي رات جو، سواءِ ننڊ ڪرڻ جي، ٻيو ڪم آهي ئي ڪونه.

## 98. سچي ڳالهه سونٽي جي، ٻيڙي ٻڏي ڪوٽي جي (چوٽي/پهاڪو)

مجرائڻ لاءِ آسمان مان چار ڪتاب لٿا . ماڻهن جي شيطانن، انهن کي پڙهي ايترو نه مجيو، جيترو وري مٽان لٿل ڏنڊي کي سچو سمجهي ايمان آندائون.

ويد پڙهڻ، فلسفا ۽ منطق جهاڙڻ ، قسم قرآن کڻڻ سان به ڪير نه مجي ته ڪيس آخر ۾ ، موچڙي سان سمجهائجي. چو جو موچڙو، ڪنهن جو مٺنهن نه ڏسندو آهي . چڱن ڀلن معتبرن کي نيڪ ڪري ڇڏيندو آهي . ائين سچ به سوٽي جي مٿل آهي. ڪوٽي ماڻهوءَ کي سدائين ٻيڙيءَ ٻڏل وانگر نقصان ئي رسندو آهي.

مطلب:

98.1 سچي ڳالهه سونٽي سان ئي معلوم ٿيندي آهي.

98.2 سڌي ڳالهه سوٽي جي، ٻيڙي ٻڏي ڪوٽي جي.

98.3 سچي جي ڳالهه، سوٽي وانگر سڌي هوندي آهي. ڪوٽي جي ڳالهه، ٻيڙيءَ ٻڏي جهڙي هوندي آهي.

## 99. سخي ۽ شوم جو ليکو، ٻارهين مهيني ساڳيو (چوٽي/پهاڪو)

سخي، مالڪ جي مرهمت ڪيل ملڪيت مان، جان ۽ اولاد تي، مٿن ۽ دوستن مٿان خرچ ڪن ٿا. جنهن ڪري موت ۾، سمورا سندس ملڪيت جي حفاظت ڪن ٿا ۽ وڏڻ / محفوظ رهڻ لاءِ دل سان دعائون گهرن ٿا. جنهن سبب سندس مال ۾ برڪت پوي ٿي. سخيءَ جي سخاوت سبب، مالڪ به مٿس مهربان رهي ٿو. جنهن سبب سندس ڪمائيءَ جا دروازا مٿس کولي ٿو.

بخيل يا ڪنجوس، مولىٰ جي طرفان عنايت ڪيل مال، ٻين تي ٺهيو پر پاڻ تي به خرچ نه ٿو ڪري. هوس ۾ وجي ٿو گڏ ڪندو. ٻين جون دليون ڏانهنس ٺريل نه هونديون آهن. مال ۾ برڪت نه پوندي اٿس. چور چڪار به سندس مال کي پيو تاڙيندو آهي.

ٻارهن مهينن جي ليکي تي خبر پوندي ته ٻنهي جو حساب ڪتاب هڪجهڙو هوندو.

مطلب:

99.1 سخيءَ جو مال ، برڪت پوڻ سبب، ڪنجوس جو مال بي برڪتو هئڻ سبب، سال تي ليکي ۾ هڪ- ڪرو هوندو آهي.

99.2 سخي الله جو دوست ۽ بخيل الله جو دشمن آهي.

## 100. سگهرا ڪائن ٻوڙ پلاه، وانڍن جو هڪ واهي الله (چوڻي/پهاڪو)

سگهرو: پرڻيل ۽ ٻارن ٻچن وارو.

وانڍو: اڻ پرڻيل، ڇڙهو ڇانڊ، ٺوهيو.

شادي شده ماڻهوءَ کي ٻچن لاءِ هٽ پير هٽڻو پوي ٿو ۽ سندس گهر واريءَ کي ٻچن جي پيٽ قوت لاءِ رڌپچاءُ ڪرڻو پوي ٿو. نتيجي طور ڪيس به رڌل ٻوڙ پلاءَ مان ڀاڱو مليو وڃي.

ڇڙهي ڇانڊ جو ته جهڳو ئي جدا آهي. نه ڪيس زال نه زنب، نه ٻار نه ٻچا. ڪمائي ته ڪنهن لاءِ، رکي ته ڪنهن لاءِ. ڪيس پن جو ٽڪر مليو، نہ ملييو جهڙو، سندس گذر ٿي ويو.

مطلب:

100.1 گڏجي رهڻ واري کي ڪائڻ لاءِ ملي ٿو، اڪيلي رهڻ وارو ٻاٽن ۾ آهي.

100.2 ڇڙهن جو جهان ئي ڪونهي.

## 101. سڳو ٽٽو، ساهَ ڇٽي (چوڻي)

ساهَ: مالها، تسبيح وغيره.

مالها ۾ موتي / مڻيا، سڳي جي ذريعي پوتل هوندا آهن . سڳو سلامت آهي ته مالها / مالهہ/ ساهَ به سلامت آهي . سڳو ٽٽو ته ساهَ به ڇٽي.

زندگيءَ جي تند به ساه سان سري ٿي پئي. جڏهن حياتيءَ جو سڳو ٽٽندو ته هيءَ جان به ختم ٿي ويندي.

مطلب:

101.1 حياتيءَ جو چرخو، دم جو محتاج آهي. دم نڪتو، آدم جهان مان نڪتو.

101.2 پيڻيو: موت نه پڇي مائٽي، نه پڇي تِٿ نه ٽوريخ.

## 102. سنپاريندي سار، وڏي ٽئيس ڇمار (تڪبند جملو)

ڪڏهن ڪڏهن اهڙا به اتفاق ٿيا آهن جو ڪچهريءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي سنپار هلندي آهي پئي ته اهو به اچي

مٿان پهچندو آهي. انهيءَ اتفاق تي گهڻن کي حيرت ٿيندي آهي . جيڪڏهن سندس ذڪر، خير وارو هوندو ته سندس اچڻ به برڪت وارو پاڻڻيندا ۽ چوندا: "عمر وڏي اٿئي! هاڻي تنهنجو ذڪر ڪيوسين ته هاڻي تون اچي وئين !" ڪي عورتون اخلاقي طرح چونديون آهن: "سنياريندي سار، وڏي ٿئيس ڄمار".

ان جي برعڪس ڪنهن جي گلا هلي ۽ اهو مٿان اچي ڪڙڪي ته پوءِ مڙني ۾ ڪسرپسر پئجي ويندي . ڏاڍو مڙس هوندو ته ڳالهه دٻجي ويندي ۽ موضوع مٽجي ويندو. جيڪڏهن هيٺو مڙس هوندو ته چوندس: "سنياريندي سار، اچي ته نوڪي ڪيوس مار".

مطلب:

102.1 چڱي جي چڱي ڳالهه هلي ته سيڪو چڱو چويس.

102.2 انگريزيءَ ۾ نياڳي ماڻهوءَ لاءِ چوندا آهن: "Think of devil, devil is here"

### 103. سنجها ٿري، جوت ٻري (چوٽي/ پهاڪو)

سنجها: سج لٿو، شام ٿي.

جوت: بتي، روشني.

شام جو، سج لهڻ کان پوءِ، اونده شروع ٿيندي آهي. ماڻهو سج لهڻ شرط، هنڌ پيڙو نه ٿيندو آهي. بلڪ ڏينهن جا رهيل کهيل ڪم يا مؤخر ڪيل منصوبن ۾ هٿ وجهندو آهي . ان ڪري ڪيس روشنيءَ جي ضرورت پوندي آهي، جنهن لاءِ بتي ٻاريندو آهي.

مطلب:

103.1 اوندهه کي ٽڙڻ لاءِ، روشني ڪرڻي پوندي آهي.

103.2 سنجها جي ويل ٿري، رات جي راڻي راڄ ڪري ته گهر گهر ۾ پيل ڏيئي ۾ تيل ۽ وٽ پوي.

### 104. سنڌ سڌي آهي موچڙي سان (پهاڪو)

آڳاٽي دور ۾ هيءُ خطو ٻن حصن، هند ۽ سنڌ ۾ ورهايل هيو. ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ سنڌ ئي جڻ پوري ڌرتي هئي. تنهنڪري ساري مخلوق جو مثال، پوري سنڌ سان ڏيندي چوندا هيا: "سنڌ سڌي آهي ڪلي سان".

موچڙو، مرونءَ کي ماڻهو ڪيو ڇڏي. ڪتابن جي نصيحت ايترو اثر نه ڪندي آهي، جيترو ڏنڊي جي.

مطلب:

104.1 ڏنڊي سان، گهڻا معاملا سڌا ٿين ٿا.

104.2 سنڌ، ڪلي سان سڌي آهي.

104.3 ڪڻ ڪلو، ٿيئي پل.

104.4 پيٽيو: ڪلو لڳو، هٿ پڳو.

### 105. سوڙ جو جهيڙو، سوڙ ۾. (پهاڪو)

سوڙ جي اندر، جيڪي ٻيلهه سمهندا، سي ئي جهيڙا ڪندا . خاص طور تي هڪ ئي سوڙ جي اندر، زال مڙس ئي سمهندا آهن. عورتن جي عادت آهي ته مڙسن سان مطالبا گهڻو ڪري سوڙ جي اندر لڪي ڪنديون آهن . سوڙ جي اندر پيا روساما پرچاءَ يا سرچاءَ هلندا اٿن. صبح جو اٿڻ ڪانپوءِ، ماڻهن آڏو ساڳيي جا ساڳيا ئي هوندا آهن. سندن جهيڙو ۽ سرچاءُ، نه تو ڏنو نه مون ڏنو.

مطلب:

105.1 جنهن سان به معاملو رکجي، ان سان ڪنڌ سنڌ ۾ نباهي ڇڏجي. ٻين تائين معاملو نه پهچائجي.

105.2 جڳ ڪلائڻ کان بهتر آهي تہ معاملن جي، گهر ۾ ئي چيني نبيري ڪري ڇڏجي.

### 106. سؤ ڏهون قلم لاڳو، چور ڇٽا ياڳيا قابو (چوڻي)

پوليس وٽ لاڳو ڪرڻ لاءِ قلم (article) هوندا آهن، جيڪي هڪ دفعو سوچي سمجهي رکيا ويا آهن. جهڙي قسم جو ڏوهہ هوندو، اهڙي قسم جو قلم لاڳو ٿيندو. قائدن ۽ قانونن ۾ ڪي پيچيدگيون ۽ گهرگهلايون اهڙيون هونديون آهن جو وار برابر ٿيل غلطيءَ سببان ڏوهاري ڇٽي ويندا آهن ۽ بي ڏوهي ڦاسي ويندا آهن . چور بدران چاڪي سڪ هوندا آهن.

مطلب:

106.1 قلم نمبر:110 ۾ ڪافي گنجائش آهي. ٻئي ڌريون هڪٻئي مٿان ڪري سگهن ٿيون. نتيجي ۾ ٻئي ساڳئي ڏوهہ تحت، ساڳئي لاڪپ ۾ گڏ ٻڌجي سگهن ٿا. اثر رسوخ هلائي چور تہ ڇٽي ويندا آهن، پر ياڳيا واڙيا پيا هوندا آهن.

### 107. سيري جي سڌ تي، ٻہ ٻہ ڪنيائون ٻار،
### هڪڙي کي ڳپايائون ڳپ ۾، هڪڙي کي ڏنائون مار،
### جڏهن پئي سڀوي جي سنيار، تڏهن ٻہ ٻہ چپاٽون ٻار کي (چٽر، چوڻي).

جيڪي ماڻهو، ڪاڏي جي دعوت تي ويلو ٽارڻ ۽ سنگت تي ٿورو ٿڦڻ لاءِ، هڪ بدران ٻي ٻڄا گڏجي پهچندا آهن ۽ پيٽ ڪائي هڪ جو پاه‍ت لڪائيندا آهن، اهڙن ماڻهن لاءِ، ائين مثال ڏئي، ٽوڪ ناهبي آهي.

مطلب:

107.1 قربائتي ڪوٺ تي، ٻارن جي ٽرڪ پري پهچڻ وارن لاءِ ٽوڪ طور ائين آذر ياءُ ڪبي آهي.

### 108. صلاحين، شينهن ٻجهن. (چوڻي)

دنيا جي اندر هر ڪم، اڪيلي سر ٿيڻ کان مشڪل آهي. ڪنهن ڪم ۾ زور ڏيارڻ جي مدد ڪپي. ڪنهن ڪم ۾ پئسي جي مدد ڪپي. ڪنهن ڪم ۾ ڪنهن شيءِ جي مدد ڪپي. حتيٰ ڪ اهڙا ڪم بہ آهن، جن ۾ تجربي جي اٿاٽ سبب صلاح جي ضرورت پڻ پوندي آهي. بنا صلاح مشوري جي، جيڪو ڪم ڪبو، سو اڌ ۾ رهجي ويندو ۽ نقصان پڻ برداشت ڪرڻو پوندو.

هر ڪم ۾ آزمودگار ۽ تجربيڪار، وڏڙي ۽ استاد کان صلاح وٺڻ ضروري آهي. صلاح نہ وٺڻ وارو، سور وڏا سهندو آهي.

مطلب:

108.1 هڪ صلاح ٿيڻ سان ، شينهن ٻڌڻ جهڙا ڏکيا ڪم بہ ڪري سگهجن ٿا . بلڪ ان کان ڏکيا ڪم بہ ڪري سگهجن ٿا.

### 109. عقل بنا عذاب، گهٽا پسنديءَ جنڊڙي. (پهاڪو)

دنيا جو ڪار وهنوار هلائڻ لاءِ پئسي، طاقت ۽ وقت جي ضرورت آهي . انهن مان بہ ڪم تڏهن اُڪلي سگهي ٿو، جڏهن عقل هجي. بنا عقل جي نہ طاقت ڪم جي آهي ۽ نہ ئي وري پئسو . بي عقل وٽ آيل پئسو ۽ طاقت بہ جنجال/وبال ثابت ٿيا آهن.

مطلب:

109.1 عقل بنا ٿوري ڪم ۾ بہ ڳپجي پئبو آهي. عقل سان ڏکيا ڪم بہ سرِ ڪري سگهبا آهن.

109.2 پيٺيو: هنر واري جي گهڙي، بي هنر جي ڄمار.

## 110. غريبن جي مڏي، ہ رليون ٽين تڏي (پهاڪو)

مسڪين ماڻهن ڪي مال ملڪيت نہ هئڻ برابر هوندي آهي . آفت آئي يا باهہ لڳي تہ نقصان بہ ٿورو ٿيندو اٿن . زلزلن ۾ آپدائن جي پريشاني ، مال ملڪيت وارن ڪي گهڻي هوندي آهي . غريبن ڪي نہ هوندي آهي . انهن لاءِ هيڏانهن ٻوڏ آئي ناهي، هيڏانهن ٽپڙ/آٽر ڪلهي تي رکيا ناهن. وتايي فقير اهڙي موقعي لاءِ چيو هيو: ”سڄائي بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪم اچي ويندي آهي.“

مطلب:

110.1 چور ۾ باهہ آفت ۾ ٻوڏ جو ڀؤُ، هوندَ واري کي ججهو هوندو آهي.

110.2 غريب کي نہ چور جو ڀؤ نہ باهہ جو، جتي وينو اتي جنگل ۾ منگل.

110.3 ڏڳو نہ ڍور، ڇا ڪاهيندو چور؟

## 111. ڪارو، رام کي پيارو. (چوڻي)

ماڻهن جا رنگ روپ، پاڪ پروردگار پنهنجي سشيت سان جوڙيا آهن . ڪيس خلقيل سمورا ٻانها هڪجهڙا پيارا آهن. وتس مقبوليتِ عام، عمل ۾ نيت کي آهي . رنگ روپ جي ناهي . جيئن ماءُ کي پنهنجو ڪارڙو پٽ مڙني ٻارن کان پيارو لڳندو آهي، تيئن مالڪ کي بہ رنگ جا ڪارڙا وڌيڪ پيارڙا هوندا آهن.

مطلب:

111.1 ڪاري رنگ واري کي احساس محروميءَ ۾ پوڻ نہ گهرجي.

111.2 ڳوٺن ۾ ڪي مائرون ڪارڙن ٻارن جي دل رکڻ لاءِ اجا بہ وڏائي چونديون آهن : ”ڪارو، رب جو پيارو . اڇو، ڪڪڙ جو پڇو.“

## 112. ڪارو ڪاري؛ هڻ کهاڙي (چوڻي)

ڪارو ڪاري: عزت خاطر قتل ڪرڻ، غيرت ۾ عورت ۽ مرد کي مارڻ. Honour Killing.

کهاڙي هڻڻ: ختم ڪرڻ.

ڪارو ڪاريءَ جي رسم، غير شرعي رسم آهي. جنهن منجهان اڳتي هلي ڪيترين ئي برايون جنم ورتن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن لالچ ۾، عزت/غيرت جو رنگ ڏئي بہ بہ جانيون ضايع ڪيون وڃن ٿيون . انهيءَ فعل کان بهتر آهي تہ قانون الاهيءَ تي عمل ڪجي ۽ پنهنجي افترائي قانون تي ڪاربند ٿيڻ کان پرهيز ڪجي.

مطلب:

112.1 ڪارو ڪاريءَ جي رسم کي ئي کهاڙي هڻي ڇڏجي.

112.2 غلط روايتون ختم ڪرڻ گهرجن.

## 113. ڪاڻو پٽ، ڪاڻائو پلو (پهاڪو)

هر ڪنهن کي ڪٽي ڪمائي وڻندي آهي . زال کي مڙس تڏهن وڻندو، جڏهن ڪمائي ايندو . اهڙيءَ طرح والدين بہ ان پٽ سان وڌيڪ پيار ڪندا آهن، جيڪو ڪٽي ڪمائي اچي، پوءِ ڀلي منجهس جسماني عيب ئي هجن.

ان جي برعڪس سهڻو سيبتو پٽ، نڪمڻو ٿيو گهر ۾ وينو هوندو ۽ ڪڪ پيچي ٻيٺو نہ ڪندو ، ٻين ڪي تہ ٺهيو پر والدين ڪي بہ پتي تي ڪونہ پيو ٻهوندو.

مطلب:

113.1 ڪاٺو پٽ، ڪاٺو بہ پلو.

113.2 پٽ آنديءَ وارو، زال لڏيءَ واري وٽندا آهن.

## 114. ڪاٽيءَ جي وهانءَ ۾، سنڪڻ پيي گهٽا (پهاڪو)

جنهن ڪي جسماني عيب آهي، سو سيڪنهن جي نظر ۾ جلدي اچي ويندو آهي ۽ سجاتو بہ ان عيب سان ويندو آهي. جيئن منڊو يا انڌو، ڪاڻو يا ٽنڊو . چو جو ان عيب وارا ، هوندا بہ ورلي (Rare) آهن، تنهن ڪري جهڻ سجاپجي پوندا آهن. ان عيب سبب ڪين سڃاڻندو بہ سيڪو آهي. سندن هر ڪم، ڪڌو يا سڌو، جلد وائرجي ويندو آهي.

سنگهڻ : ڇيڏڪ نخرا هرهڪ جي وهانءَ ۾ پوندا آهن پر پڌرا ڪاٽيءَ جي وهانءَ ۾ ٿيندا آهن.

مطلب:

114.1 عيبدار جا ٻيا عيب بہ جلد وائرجي پڌر پوندا آهن.

114.2 جيڪا لڳي لٺ، سا ڪاٽي اک ۾ .

114.3 ڏٻريءَ تي مڇر بہ گهڻا.

114.4 ڏڪندڙ آگر، هر ڪم ۾ پئي ڏڪندي آهي.

## 115. ڪڪڙ ڪورين جو، نانءُ وڏيري جو. (ورجيس)

اصول اهو آهي تہ خير خيرات يا محنت جيڪو ڪري تہ نانءُ / نام ناموس/نيڪنامي بہ ان جي ٿئي . ڪن حالتن ۾ محنت مشقت ۽ قرباني ننڍا ۽ ڪمزور ڪندا آهن پر نالو وري وڏن جو ٿيندو آهي . جيئن ڪم ڪلارڪ ڪندا آهن، نالو آفيسر جو ڳائبو آهي. اهڙي نا انصافيءَ واري نيڪناميءَ لاءِ، ائين مثال ڏئي سمجهائبو آهي.

مطلب:

115.1 وڙهن سپاهي، نالو صوبيدار جو ٿئي. (پهاڪو)

115.2 محنت هڪڙن جي، معاوضو ملي ٻين کي. (ورجيس)

115.3 ڪڪڙ ڪورين جو، نانءُ وري وڏيري جو ٿئي. (پهاڪو)

115.4 ٽڪا گهوٽ پيءُ جا، شابس مٽڪيءَ کي.

115.5 ٻري تيل، ڪامي وٺ، واه ڙي ڏيا واه.

## 116. ڪم ڪپي، چم نہ ڪپي (چوڻي)

ڪم ڪپڻ: سهوليت ميسر اچڻ، تڪليف دور ڪرڻ.

چم ڪپڻ: سهڻو هجڻ، اڇيءَ چمڙيءَ وارو هجڻ.

سهڻي شيءِ، هر ڪنهن ڪي وڻندي آهي . جڏهن تہ سهڻو ڪم، ان ڪان وڌيڪ وڻندو آهي . نوڪر، اولاد جي پيٽ ۾ ڪم سبب، وڌيڪ پسند پوندو آهي . سندس اڇي يا ڪاري چمڙي، سندس ڪم واري محنت تي اثر انداز نہ ٿيندي آهي. محنت ڪاري چمڙيءَ وارو ڪري ۽ اڇيءَ چمڙيءَ وارو نہ ڪري تہ پسنديدگيءَ جي لحاظ ڪان محنت واري جو قدر وڌيڪ ڪيو ويندو آهي.

**مطلب:**

116.1 ظاهري سونهن کان، اندر جي سونهن ۽ محنت وڌيڪ وڻندڙ آهي.

116.2 هر ڪنهن کي وهٽيءَ جا وهٽ وڻندا آهن.

116.3 ڪم ڪپڻ، چم نه ڪپڻ (ورجيس) .

116.4 هرڪو ڪم پرين آهي، چم پرين ڪير بہ ناهي (چوٽي).

116.5 ڏسڻ جا سهڻا ٿوه، پٽن تي پيا آهن.

## 117. ڪنواري بادشاهي، مڱٽي پئي ڦاهي
## پرڻي کان پوءِ ٿي چلهہ جو واهي (چوٽي)

نوجوان چوڪري، پرڻي کان اڳ پيڪن ۾ جڻ راڄ ڪندڙ آهي . پيءُ جي ڪمائيءَ تي بادشاهہ بڻي ويني آهي . مڱجڻ سان، نڪ ۾ ناڪيلي پويس ٿي . ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي حساب سان ڦاسي پوي ٿي . جڏهن پرڻجي مڙس جي گهر اچي ٿي، پوءِ سڄو ڏينهن گهر جي پٽين اندر رهڻو پويس ٿو ۽ ماني ٽڪي ڪرڻ لاءِ چلهہ جو چوڪيدار بڻجي ويهڻو پويس ٿو.

**مطلب:**

117.1 پرڻي کان اڳي ماڻهو آزاد آهي، مڱٽي کان پوءِ محتاط رهڻو ٿو پوي. شاديءَ کان پوءِ تہ رڳو ٻيلپا آهن.

117.2 پيٽيو: مڙس مڱيو تہ سنگت کان ويو، جوان پرڻيو تہ مٽن مائٽن کان ويو، ٻڍي ڄايس ٻار تہ پاڻ کان ويو .

## 118. ڪِنو سهندو، ڏنو نہ سهندو (ورجيس)

هڪڙو ڪتو، ڳابن جي ڪونر ۾ ويهي رهيو. ڳئون آيون تہ ڪين ڏاڙهڻ لڳو. جڏهن تہ آهر ۾ پيل ڪُتر، سندس کائڻ جي بہ نہ هئي . منجهس گهڻي دير ويهي، ڪِني ڪري ڇڏيائين ۽ ڳابن کي ڏنو نہ سنائين . (هيءَ ڳالهہ ايسپ جي آڪاڻين تان ڪنيل آهي).

**مطلب:**

118.1 جيڪا شيءِ پنهنجي ڪم جي نہ هجي، سا ٻين ڳُهرجائن کان نہ لڪائجي.

118.2 ڪنو سهڻ، ڏنو نہ سهڻ.

118.3 مئي سهائڻ، ڏني نہ سهائڻ.

118.4 اچلي سهائڻ، ڏني نہ سهائڻ.

## 119. ڪاءُ ساڳ، لڳئي پاڳ (چوٽي)

ساڳ سادو ۽ غريباڻو ڪاڌو آهي، جيڪو سرنهن جي پنن مان جڙندو آهي . مٿس، ٻين پاڄين/ سبزين جي ڀيٽ ۾ گهٽ خرچ اچي ٿو. ٻهراڙيءَ ۾ تہ غريب ماڻهو، ساڳ مفت ۾ پٽيندا آهن . ساڳ پٽڻ سان، سرنهن جو تيلو زور وٺندو آهي. تنهن ڪري مالڪ/ هاري پڻ چاهيندو آهي تہ سند س سرنهن مان ڪو پلي ساڳ پٽي وڃي . سادي ۽ سستي ڪاڌي کائڻ سان بچت ۽ پاڳ ورندو آهي.

**مطلب:**

119.1 سادو کائجي، سادو پهرجي.

119.2 سادو ڪاڌو، صحت جي صندوقڙي آهي.

119.3 دال، ٻچن پال.

### 120. ڪائڻ لاءِ ڪرو، ڪمائڻ لاءِ ٻرو. (ورجيس)

ٺوٺي/ سست ماڻهو ڪم کان لهرائيندو آهي. ڪائڻ وقت سيني کان اڳي ڪن ڪڍيو ويٺو هوندو آهي. اهڙي ڪائڻ جي کچري/ ڳوٺري کي، ائين مٿئين ڏيئي ٺوڪ/ چٽر ڪبي آهي.

مطلب:

120.1 ڪائڻ مهل ڪڙو تڙو، ڪم مهل ٺيئڙ ٺپ.

120.2 ڪائڻ مهل گڏ، سمهڻ مهل مسيت ۾.

120.3 پيٽيو: ڪائڻ وير مڙس، هاج وير چوڪر.

### 121. ڪڏ ٽپين، اڏ نہ ٽپين (ورجيس)

جيڪي هونءَ وڏا ڦاها پيا ڦڪين ۽ وقت تي خسيس ڪم لاءِ بہ پولڙيءَ جهڙي شڪل ناهي ويهن، تن ماڻهن لاءِ ائين مثال ڏيئي ٺوڪ هڻبي آهي.

مطلب:

121.1 وقت تي جيڪو ڏڪ پٽي، تنهن کي ائين ٺوڪبو آهي.

121.2 پيٽيو: آهِي ٽپين، ڪاهي نہ ٽپين.

### 122. ڪلو لڳو، هَٽُ پڳو. (چوٽي)

ڪلو لڳڻ: موڇڙو لڳڻ.

هَٽُ ڪرڻ: وڏائي يا تڪبر ڪرڻ.

هَٽُ پڄڻ: ڪنڌ پڄڻ، تڪبر ڪرڻ.

ڪن ماڻهن کي ائين ئي ڪنڌ ۾ ڪلي ۽ من ۾ مڳي هوندي آهي . پيا غريب غربي سان مٿامونا ۽ ٽانا ٽونا هڻندا آهن. جڏهن ڪين ڪو ڏاڍو مڙس ٽڪربو آهي ۽ موچڙي سان ڪنجيندو اٿن تہ پوءِ ٽڪ مان ور نڪري ويندو اٿن ۽ هر ڪنهن سان نوڙت سان پيا هلندا آهن.

مطلب:

122.1 مار، سنوار آهي.

122.2 مار: ڏاتار آهي.

122.3 عرشان لٿيان چار ڪتابان ٻيڃوان لٿا ڏندا،
ڪتابان اوه نہ ڪيتا، جو ڪيتا ڏندا.

122.4 پيٽيو: سنڌ، سڌي آهي موچڙي سان.

### 123. ڪڻ ڪلو، ٿڃي پلو. (چوٽي)

گهر ۾ مرد جيستائين موچڙي ۾ ڳن نه وجهندو، تيستائين نڙ ڦنڊ نہ ويندس. جيڪڏهن چاهجي تہ گهر جو ڪار وهنوار، سانت سڪون سان هلي ۽ ٻار بہ ڏنگايون نہ ڪن تہ پوءِ مرد کي گهر ۾ مڙس ماڻهو ٿي رهڻ گهرجي . مجال آهي جو ڪو چوڪٽ بہ ٻڌڻ ۾ اچيس. باقي ڪلو لڪائي رکيائين تہ ڏيهاڙي ڏاڙهيءَ پٽ هوندس.

مطلب:

123.1 مار جو سهارو، هٿان نہ وڃائڻ گهرجي.

123.2 ڪلو، پنجون پير آهي.

123.3 پيٽيو: ڪلو لڳو، هٿ پڳو.

### 124. گهر گهينگهر، ٻار ڏينگهر (چوڻي)

گهينگهر: گهنگهر، بوجو، ٻار (گهنگهر گهٽو ٿيا، ڇاپي ماروئڙن ڪي (شاهہ سر مائي)

ڏينگهر: ٻہر يا ڪنڌيءَ يا ڪنڌي دار وڻ جي وڏي ٽاري، جيڪا ڪنڌن سان ڀريل هجي . جيڪو منجهس هٿ وجهي، ته هن کي سيلهہ ڪنڌا چڀي پون. پلاڻ اٽڪيو تہ رهڙيون ڪنيو هلندو.

ڇڙا ماڻهو، شادي نہ ڪرڻ لاءِ اهو دليل ڏيندا آهن: گهر هلائڻ گهنگهر ڳچيءَ ۾ وجهڻ برابر آهي ۽ ٻار پالڻ تہ ڏينگهرن سان پاڻ رهڙائڻو آهي.

مطلب:

124.1 زال زنب، ٻار ٻرو، وس پڇئي تہ ڳ م چڙهو.

### 125. گهر ۾ ڪين، تہ بہ رکي گهوڙي تي زين (ورجيس)

اصول اهو آهي تہ جنهن کي کائڻ لاءِ ڪونهي، تنهن کي پلا گهوڙا بہ ڌارڻ نہ گهرجن . جيڪو ائين ڪري ٿو، سو پنهنجي لاءِ جنجل پيدا ڪري ٿو.

مطلب:

125.1 جيڪو پنهنجي اوقات کان وڌيڪ خرچ ڪري ٿو يا وت کان ٻاهر مهم ۾ هٿ وجهي ٿو، تنهن لاءِ مام ۾ ائين چئي ويندي آهي.

125.2 گهر ۾ ڪڪي ڪاٽي نہ، ٻاهر لوڏ لکن جي.

125.3 اهڙو هٿ ڦاڙ جو: گهر ۾ اٽس ڪين، تہ بہ رکي ٿو گهوڙي تي زين.

125.4 پيٽيو: اندر لنگهڻ، ٻاهر ڪنگهڻ.

### 126. گهر ويائي، ڇڳي ويائي (چوڻي)

ڪي غيرت وارا گهراڻا، وس ويندي نياڻي ٻاهر نہ ڪيندا آهن . پرڻائڻ لاءِ بہ گهر يا پاڙي ۾ ڄاءِ تاڙيندا آهن . پنهنجي ڪنهن جڏي سڏي کي بہ عجبن جهڙي نينگري پنيءَ پاڏئون لائي ڇڏيندا آهن پر ڪيس ٻاهر ڪڍڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي سمجهندا آهن. ويم وقت بہ ڪوشش ڪندا آهن تہ گهر ۾ موجود ماسين چاچين هٿارئون ناڙو وڍرائي ڇڏين . جي نہ تہ بہ دائيءَ کي گهر ۾ گهرائي ويهاريندا آهن . ان حالت ۾ بہ نياڻيءَ کي ٻئي جي منهن پوڻ نہ ڏيندا آهن . ان کي ئي ڇڳو سمجهندا آهن.

مطلب:

126.1 نياڻيءَ کي وس ويندو، ٻاهر نہ ڪيجي.

### 127. گهوٽ ڪنوار راضي، ڇا ڪندو ملو قاضي (پهاڪو)

بہ ڌريون پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ آهن تہ ٿيون ڪين ويڙهائي نہ ٿو سگهي . نہ ڪنهن چالاڪيءَ سان ۽ نہ ئي ڪنهن قانوني وڪڙ سان . جيڪڏهن ڪير وڙهي ڏانگو ڏانگ ٿيڻ کان پوءِ بہ ٿاٽي يا ڪورٽ ۾ نہ ٿا اچن تہ ڪورٽ يا جيل

وارا، سندن معاملو ڪورٽ ۾ آڻڻ لاءِ دٻاءُ نہ ٿا وجهي سگهن.

مطلب:

127.1 ٻہ پاڻ ۾ نهيل آهن تہ ٽئين جو ڪهڙو اٿو ڪٿو آهي جو سندن وچ ۾ پوي. پيا پاڻ ۾ پرچن ۽ سرچن، ٽئين کي تنگ اڙائڻ نہ گهرجي. ٽنگ اڙائيندو تہ خوار ٿيندو.

127.2 قاضي جاٽي تہ قاضيءَ جي قيام جاٽي.

## 128. گهوٽ چڙهيو گهوڙي تي، ناس پتو ڀوڙي، سوا گهڙيءَ جي سُک لئہ، عمر پيولوڙي. (چوٽي)

گهوٽ جڏهن لانئون لهڻ لاءِ، موڙ ٻڌي ڪاتي هٿ ۾ ڪٽي، گهوڙيءَ تي ٽيڳرجي هلندو آهي تہ سندس انهيءَ ٽيڳر تي ڪي مايون ننول خاطر ائين لاڏو چونديون آهن.

مطلب:

128.1 گهوٽ جي لئہ گهڙي سوا لاءِ آهي. پوءِ سڄي عمر ڳهٽو اٿس. ڪنوار روئي گهڙي سوا لاءِ ٿي، باقي عمر راڄ ڪرٽو اٿس.

## 129. گهوٽڻ مهل گر، چاٽڻ مهل چتا پيئڻ مهل جيئڻ مير عليمراد جا ڪتا (ورجيس)

گهوٽڻ مهل گر، چاٽڻ مهل چتا، پيئڻ مهل، ڪوڙي ڍڳي وانگر ٻوڙن ۾ لڪي ويندا آهن . جڏهن ڏسندا آهن تہ ڪم اڪلائجي ويو آهي تہ نرو ڪٽي نروار ٿيندا آهن . پوءِ ڪنگ ڪر ڪري، پنهنجي هئڻ جو اطلاع ڪندا آهن ۽ احساس ڏياريندا آهن تہ منافعي ۾ پاڻ بہ حصيدار آهن.

مطلب:

129.1 ٽوٽي/ مطلبي ۽ شاهہ صاحب جي وڳند فقير جهڙن، ڪاڻ جي ملهن لاءِ ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

129.2 گهوٽڻ مهل گر، چاٽڻ مهل چتا، پيئڻ مهل ائين آيا جين قلندر/ گوسائينءَ جا ڪتا.

129.3 بنا ڪمائيءَ نانڪا، مونکي ساڏن جهڙو ڪر.

129.4 پيٽو، ڪائڻ لاءِ ڪڙو، ڪم لاءِ ٻرو.

## 130. لعل جي ڏات، ٻچن جي وات (ٻول)

هندن جي عقيدي مطابق، جيڪو پير پڃائي سو لعل آهي . قلندر بہ لعل آهي، اڏيرو بہ لعل آهي تہ درياهہ شاهہ بادشاهہ بہ لعل آهي. جڏهن نهرن ۾ مٽي ڏاري نئون پاٽي وهي ايندو آهي تہ درياهہ ۾ اکا چاڙهيا ويندا آهن . نوروزي جي ڏينهن ۾ نو ڏينهن جَلَ پوڄا ۽ شنان ڪيا ويندا آهن . جَلَ پوڄا دوران ڪي مائرون پنهنجي ٻارن کي درياهہ ج و پويتر پاٽي وات تي هٽندي، اهي ٻول اچاريندي ون آهن. يعني ڪين پاٽيءَ جي ڏات ڏينديون آهن.

اهڙيءَ طرح چنڊ جي ڏسڻ تي پڻ وهمن پريي عقيدي سان چونديون: ”چنڊ ٻلي، ڪندو پلي“.

مطلب:

130.1 پرمن سان پريل ماٺهو، هرهڪ شيءِ کان ڊڃندي، ڪانئس ئي پيو خير گهرندو آهي.

## 131. لعلوءَ واري کوهہ تي، جتي لک وهي ٿي لوٽي،

## يار منهنجو آ اڇٽو، دير ڪرڻ سان وڃي نہ موٽي(ٻول)

کوهہ مٿان چڙهيل نار ۾ لک لوٽيءَ جي وهڻ واري ڳالهہ ۾ ئي وڏائُ آهي . اتي يار جو اڇڻ پڻ عقل ۾ نہ ايندڙ ڳالهہ آهي. جيڪڏهن هڪڙيءَ جو يار اتي اچي سگهي ٿو تہ پوءِ ٻين جا بہ اتي اچي سگهن ٿا . جتي ايڏو ميلو مچي، اتي محبوب سان ملڻ مشڪل آهي . جڏهن دير ٿيڻ تي اهو موٽي ٿو وڃي ۽ انتظار نہ ٿو ڪري تہ اهو بہ مطلبي آهي . عاشق ناهي. هيءَ بہ جيڪي لفظ چوي ٿي، سي بہ ڪنهن ڪان اجازت ونڻ لاءِ چيل آهن. يار ڪان علاوهہ ٻئي وٽ بہ قاتل آهي. جنهن سان اندر پئي اوري.

مطلب:

131.1 تن تو سان، من منجي واري سان، اکيون آٽر هيٺ،
دل اٿم ان سان، جيڪو ستلج آهي سڪل ڊينگهر هيٺ.

## 132. لکي لعلو، واچي واڏو (ورجيس)

جنهن ماڻهوءَ جا اکر خراب هوندا آهن، سو لکڻ وقت هڪڙي ڳالهہ لکندو آهي ۽ پڙهڻ وقت پنهنجا لکيل اکر نہ سمجندي، ٻي ڳالهہ پڙهندو آهي . مثال طور ڪيس لکرائبو آهي لعلو تہ پڙهڻ وقت پنهنجا اکر پڙهي ٻڌائيندو آهي تہ مون لکيو آهي: ”واڏو“.

هڪڙي همراهہ کي ٻئي دوست چيو: ”ادا خط تہ لکي ڏي؟“

موٽ ۾ انڪار ڪندي چيائينس: ”ادا! جنگهہ ۾ سور آهي، نہ سو خط لکي ڏيانءِ!“

”ادا! خط تہ هٿ سان لکبو آهي.“ خط لکرائڻ واري تعجب ڪندي پڇيس: ”مون کي تو وارو عذر سمجهہ ۾ نہ آيو.“

”ادا! تو واري ڳالهہ صحيح آهي تہ خط لکندس تہ هٿ سان پر ٻيلي اتي هلي پڙهي ٻڌائڻ ۾ جنگهون ٺڪر انديون!؟!“

مطلب:

132.1 اهڙا خراب اکر هئڻ جو لکڻ وارو خود نہ پڙهي سگهي.

132.2 لکي لکانو، پڙهي الانو.

132.3 لکي لاکو، پڙهي پير شاهہ.

132.4 لکي عيسىٰ، پڙهي موسىٰ.

## 133. لڳو نہ لڳو، تنهنجو هڏ ڳڏ تہ ڀڳو (ورجيسي جملو)

هڪڙا بہ سنگتي پاڻ ۾ مذاق ڪندي وڃي لتن مڪن تي پهتا . هڪڙي پتر ڪٽي ٻئي کي هنيو، جيڪو ان کي نہ لڳو پر هو پاڻ بچائڻ لاءِ جيئن ئي ٽڪڙو ٿيو تہ پير ترڪڻ سان گوڏن پر وڃي ڪريو . اتي گوڏن تي هٿ رکي، سور جي رڙ ڪري، اڳلي دوست کي چيڙائڻ لاءِ چيائين: ”ڪونہ لڳو! ڪونہ لڳو!“

”لڳو نہ لڳو!“ ٻئي دوست چيڙائڻ، مچرائڻ ۽ جوش ۾ جڪ ڪلئڻ لاءِ ڪيس چيو: ”تنهنجو تہ هڏ ڳڏ ڀڳو!“

مطلب:

133.1 نار وهي نہ وهي، وٽ رينگٽ کي.

## 134. لڳي دم، مٽي غم (تڪبند ٻول، مواليـن جو نعرو)

چرسي: چرس جا دگاڙا هڻندڙ.

چرس جا دگاڙا هڻڻ وقت، جڏهن چرسين جا تارا ڳاڙها ٿي ٽمڪڻ لڳندا آهن، تڏهن ماڻهن آڏو شرم پرچائڻ لاءِ بيهي نعرا هڻندا آهن: ”لڳي دم، مٽي غم!“

اها بي ڳالهہ آهي تہ نشي ڪرڻ سان، سندن غم اجا وڌندا آهن. ماڻهو ڪين نفرت سان ڏسڻ لڳندا آهن. پاڻ ماڻهن ۾ اٿڻ ويهڻ کان هليا ويندا آهن. پيا نالين ۾ هوندا آهن تہ بہ مُک تي نعرا هوندن: ”پيئون ٿا چرس، گهمئون ٿا عرش!“

مطلب:

134.1 موالي ويچارا، پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ ٽڪبند نعرا پيا هڻندا آهن.

134.2 نشو ٿو سرڪي، محبوب ٿو مُرڪي،
ملو ٿو ڪُرڪي، جڻ پٽس جي ٿا پيئون.

## 135. لنڊيون لوٺيون لک، هڪ الله جي رَک (چوٽي)

رب تعاليٰ، جهان جي ساري مخلوقات کان وڏيڪ وڏو، وڏيڪ طاقتور، وڏيڪ مددگار آهي . اهو هڪڙو ساٿي هجي ۽ ان جي برعڪس لکين لونيا ۽ ڇيٽين پور ، جيڪڏهن دشمن بہ ٿي پون، تڏهن بہ هڪڙو وار ونگو ڪري نہ سگهندا. پهرين ڳالهہ تہ مخلوق جي خالق سان پيٽ آهي ئي ڪونہ . بيو جڏهن خالق پاڻ راضي آهي تہ مخلوق کي کهڙو ساهہ آهي جو اها ناراض/ناخوش يا دشمن ٿئي يا نقصان ڏئي سگهي.

مطلب:

135.1 مخلوق جي پيٽ ۾ خالق کي ناراض نہ ڪجي. لک مخلوق کي ناراض ڪرڻو پوي تہ ڪجي پر هڪ رب کي لمحي لاءِ بہ ناراض نہ ڪجي.

135.2 سر ۾ پکي هڪڙو، پارهيڙي پنجاه،
جي رب ڏئي پناه، تہ سر ۾ پکي سرهو.

135.3 مارڻ واري کان، جيئارڻ/ بچائڻ/ رکڻ وارو ويجهو آهي.

135.4 هڪڙو رسي نہ رانجهن، جڳ جي رٺو تہ ڇا ٿيو.

## 136. لهي لتاڪو، چٽي ڦتاڪو (ٽڪبند پول)

لتاڪو: انتظار، بيقراريءَ واري فڪرات

لهي: ختم ٿئي.

چٽي: جوهر ڏيکاري.

ڦتاڪو: چڙڻ واري گندرف سان جڙيل گولو.

ڪي ڦتاڪا اهڙا هوندا آهن، جو تيلي ڏيئي سمجهبو آهي تہ اجهو چٽو . چٽڻ واري نڪاءَ کان اڳ ڪنن کي بہ هٿ ڏبا آهن. جڏهن چڱي خاصي دير تائين بہ نہ چٽن ۽ ڪنن مان هٿ ڪڍي وري ڏسبو اٿن ۽ ان وقت نڪاءَ سان چٽي پوندا آهن تہ دل ۾ ٽاهہ وجهي ڇڏيندا آهن . دل چوندي آهي تہ جيڪر اهڙا ڦتاڪا ڪنن تي هٿ رکڻ وقت چٽي پون ۽ انتظار نہ ڪرائين.

مطلب:

136.1 ڦڏي/ ڏانڌل کي ختم ڪرڻ لاءِ، ڏنڌي وارا ائين مثال ڏيندا آهن.

## 137. ماتا، ماري يا ڪاري (چوٽي)

ماتا: بيماريءَ جو قسم آهي، جنهن ۾ سڄي جسم تي نرم نرم ۽ گرم گرم داڻا نڪري پوندا آهن . جسم ۾

اندر ڪٽس ۽ بخار تنهن ڪان سواءِ ٿيندا آهن . ننڍن ٻارن ڪي خاص طور ٿيندي آهي . جنهن جي سٽ گهٽا ٻار نہ سهي سگهندا آهن ۽ مري ويندا آهن. وري جيڪي بچي ويندا آهن، تن جي چهري وغيره تي اهڙا چٽا ۽ چُگهہ نهي پوندا آهن، جن سان سندن پيشانيءَ جي ساڳي رونق نہ رهندي آهي.

مطلب:

137.1 ماتا جي بيماري ڏاڍي خطرناڪ آهي.

### 138. ماٽيلي ماءُ، ٻچائي ساهہ (پهاڪو)

ماٽيلي ماءُ: پيءُ جي ٻي زال، ويڳي ماءُ. ماسي (ماءُ سي يا مان سي)

جنهن ٻار جي ماءُ ننڍي هوندي مري وڃي، تنهن ڪي هاٺي ماءُ جهڙو پيار، دنيا جي ڪنهن بہ عورت منجهان نہ ٿو ملي سگهي. پيءُ جي ٻي زال بہ پنهنجي ڄڻيي اولاد ڪي وڌيڪ گهرندي آهي . ان جي پيٽ ۾ مڙس جي ٻئي اولاد ڪي پنهنجي اولاد جو ڏائڻ ۽ ملڪيت جو ڀائيوار سمجهي پئي ڏڪاريندي، پئي ان ڪي تڙڻ لاءِ گهات گهڙيندي.

مطلب:

138.1 ويڳي ماءُ جو رويو، ظالماڻو هوندو آهي.

138.2 پيٽيو: ننڍي مري نہ ماءُ، وڏي مري نہ جوءِ،
ڪنت چڙيلي نا مري، جهٽڪ وهيٽي نہ هوءِ.

### 139. ماٽيلي ماءُ جي مٺڪ، اونهاري جي لُڪ
### پوڙهي جي ٺُڪ، جاتي لڳي تاتي سُڪ (چوڻي)

ماٽيلي ماءُ جڏهن مٺڪ هڻندي آهي، تڏهن سندس دل ۾ مامتا جو جذبو نہ هوندو آهي. جنهن سببان سندس مٺڪ، ڏاڍي ڳوري ۽ ساهہ ڪيندڙ هوندي آهي.

پوڙهي ماڻهوءَ جا اعصاب ڪمزور هوندا آهن . سندس وات ۾ نهندڙ سنگهہ، گگ چيڙهياليون ۽ گهاٽيون هونديون آهن. ڪمزور اعصابن/ عنصرن سان ڪانگهارو يا ٺڪ اڇليندو آهي پر اڇلجي نہ سگهندي آه ي. چپ وٺ، ڪاڏيءَ وٺ يا ڪپڙن ڪي ڇهتي پئي هوندي ۽ سُڌ بہ نہ پوندي اٿس تہ گگ / سنگهہ/ ٺڪ ڪا لگن/لٽن ڪي چنبڙي پئي آهي .

مطلب:

139.1 ٺئي شيون سڪ ڪندڙ آهن.

### 140. مانو ماري، تڪو تاري،
### سنهون وري ڪونا ڳاري (چوڻي/ پهاڪو)

مانو يا گونگو مينهن، وڏ ڦڙو ٿي چورن وانگر وسندو آهي . جهور ٻڌي بيهندو آهي ۽ لهڻ جو نالو ئي نہ وٺندو آهي. سندس پاڻي وهي تہ هلندو آهي پر گهٽي هئڻ سبب ڍنيو ن ڍورا پري، جهنگ ۽ ٻنيون ٻوڙي، ٻڊ ۽ پونا پسائي، انجر چنجر ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن ۾ گهٽيئي حشرات الارض اجل جو شڪار ٿي ويندا آهن.

تڪو مينهن، آيو ۽ اوڪاڻيو. جيترو بہ ايندو جلدي ايندو ۽ هڪ هنڌ بيهڻ بجاءِ وهڪرو ٿاهي وهڻ شروع ڪندو . جاين جڳهين ڪي بہ ايترو نقصان نہ ڪندو. گوڙيون ڏيندو گجگوڙيون ڪندو هليو ويندو آهي.

سنهون مينهن، آهستي آهستي وسندو آهي ۽ گهڻو دير تائين وسندو آهي . پاڻي تہ ٿورو پوندو آهي پر جيڪو

پوندو آهي سو آ هستي آهستي زمين ۾ جذب ٿيندو ويندو آهي . جنهن سان جاين جون پاڙون جڏيون ٿي، آءُ ڪنديون آهن .

مطلب:

140.1 مينهن وسي ٻه پهر، چنو ٿمي چهه پهر.

### 141. مانِ نہ مانِ، مئن تيرا مهمان (ورجيسي جملو)

مهمان اهو آهي جيڪو وقت پوڻ تي، گهڙي پل لاءِ اچي ۽ آساس وٺي نڪتو هليو وڃي . ان جي برعڪس جيڪي زوريءَ اچي ٽڪن، رڳو مانيون کائين ۽ ٻي وقتيون چانهيون پيئن، تن کي مهمان ڪين سڏبو آهي. بلڪ ڪين بلاءِ جان سڏبو آهي.

مطلب:

141.1 زوريءَ ڳچيءَ پوڻ واري مهمان کي انهن لفظن سان ٺوڪبو آهي.

141.2 جن چڏي، پوت چڏي، مان نہ چڏيانءِ.

141.3 هڙ ڪائي ويندو سانءِ، ٻي ايماني اصل نہ ڪندو سانءِ.

### 142. مسلماني، بصر ماني (چوٽي)

بصر سان ماني کائڻ، غربت جي نشاني ٻہ آهي تہ سادي زندگي گذارڻ جي نشاني پڻ آهي . مسلمان ويچارا، گهٽي جي هٻڇ/ لالچ نہ ڪن. سادي زندگي گهارين، سادو پهرين ۽ سادو هڍائين.

مطلب:

142.1 مسلمانيءَ جي نشاني، سادي زندگي گهارڻ آهي.

142.2 مسلمان اهو آهي، جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيو مسلمان محفوظ هجي.

142.3 مسلماني، آساني.

142.4 ٻين لاءِ آساني پيدا ڪرڻ ۾ مسلماني آهي.

142.5 پنهنجي پيٽ کي، اوليت تي ٿوسي پرڻ ۾ مسلماني ناهي.

### 143. مڙس تہ ڦڏو، نہ تہ جڏو (پهاڪو)

ڦڏا ڦڙا ٻہ زندگيءَ جو حصو آهن . ڪي ڪانئن پيا ڪترائيندا ۽ لنوائيندا آهن. انهن افعالن تي ملڪيتون لٽرائي، ڪنڌ ۾ ويهي پيا روئندا آهن. مڙسي انهيءَ ڪي نہ چئبو آهي. مڙسي انهيءَ ۾ آهي تہ ننگ، جان ۽ مال تي حملو ڪندڙ سان مهاڏو اٽڪائجي ۽ ساڻس اکيون اکين ۾ ملائي ڳالهائجي. اجا ناحق ڪان نہ مڙي تہ سندس اکيون ۽ ڦڦڙ ڪڍي ڇڏجن.

مطلب:

143.1 جان تي آيل ڦڏي سان، مڙس ماٺهو تي منهن ڏجي.

143.2 جهيڙو ڳچيءَ پوي تہ ڳچيءَ جو هار سمجهي پائجي.

### 144. مڙس مڱيو تہ سنگت ڪان ويو
### جوان پرڻيو تہ مٽن مائٽن ڪان ويو

### ٻيڻي چاڻيس ٻار تہ پاڻ کان ويو (چوڻي).

مڱڻ کان پوءِ ماڻهوءَ کي گهر ناهڻ ۽ پنهنجي ونيءَ کي گهر ۾ آڻڻ لاءِ تپڙ تاڙي ڪٺو ڪرڻ ڏانهڻ ڌيان وجي ٿو ۽ نتيجي ۾ سنگت کان خيال ڪڇي وڃي ٿو.

شاديءَ کان پوءِ زال جو ڌيان وڃي ٿو ۽ اولاد جي تمنا ڪري ٿو . ان لاءِ ڪنو ڪري رکڻ، جايون جوڙائڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. ڪيس اولاد جو مفاد، مٿن مائٽن کان وڌيڪ عزيز لڳي ٿو . جنهن سببان مائرن ۽ ڀينرن، پائرن ۽ ڀيئرن سان ساڳيو سلوڪ نہ ٿو رهي. آهستي آهستي اهي بہ هٿ ڪيڻ شروع ڪن ٿا.

جڏهن ٻار جمن ٿا تہ پوءِ پنهنجي جان کان وڌيڪ انهن جي ڳڻتي لڳندس . پاڻ نہ وهنجندو انهن لاءِ صابڻ پيو وٺي ايندو. پاڻ چتين لڳل ڪپڙا پائيندو ، انهن لاءِ پلا وڳا پيو آڻيندو . پاڻ کي ڀيرن ۾ جتي چڳل هوندس، انهن لاءِ سون مين پيو خريد ڪندو.

**مطلب:**

144.1 شاديءَ سان ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ وڏا انقلاب اچن ٿا.

144.2 پيٽيو: ڪنواري بادشاهي، مڱڻي پئي ڦاهي، پرڻي کان پوءِ، ٿي چلهہ جي واهي.

### 145. مڙس هيٺو هيٺو، تہ بہ زال کان پيٺو. (چوڻي)

مرد ۽ عورت جي جسم جي ساخت ڪجهہ عجيب آهي . عورت جسماني ۽ اعصابي طرح، مرد جي ڀيٽ ۾ ڪمزور هوندي آهي . ڪيڏي بہ سير هجي پر سندس ڀيٽ ۾ ڪرڙين ڪاڌو مرد، وري بہ مرد آهي . مرد کي مٿانهين حيثيت آهي. عورت جي ڪاميابي انهيءَ ۾ آهي تہ مرد سان هيٺانهينءَ سان هلي. سندس تحفظ انهيءَ ۾ آهي.

**مطلب:**

145.1 ڇڙهي عورت کي هرڪو پيو تڪيندو . جيڪڏهن اها عورت ڪنهن ڪرڙين ڪاڌي مرد جي ڀِناري پيل آهي، تڏهن بہ هرڪو ڪانئس پاسو ڪري پيو هلندو. اهو فطري خاصو آهي.

### 146. مک ۾ رام، بغل ۾ ڇري (ورجيس)

جنهن ماڻهوءَ جي زبان تي رام جو نام يا رب جو نالو هجي، هرڪو منجهانئس پرهيزگار هئڻ جي اميد پيو رکندو. ڇو جو جيڪو ڏٺيءَ جي نالي جو ذڪر ڪري ٿو، سو پڪ ڪانئس ڊڄندو هوندو . ان جي برعڪس ڪو ڍونگي، ڍونگ رچائي، ظاهري طرح مالڪ جو نالو پيو پڪاري ۽ اندر ۾ پنهنجي نفس جون خواهشون زنده رکيو اچي تہ پوءِ اهو تہ ظالم چئبو.

**مطلب:**

146.1 زبان تي الله الله، دل ۾ "گاؤ و خر ."

146.2 اندر ڪارو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي.

146.3 هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري.

146.4 پيٽيو: رام رام جپ، پرايون ڳنڍيو ڪپ.

### 147. منهن ڪنئري ڳٽا پٽائي. (پهاڪو)

منهن ڪنئري: نرم ڳٽن واري، جنهن ڏانهن هرڪو ڇڪجي اچي پر هيءَ نرم لفظن ۾ مرڪي پئي موٽ ڏئي . نہ ڪنهن کي اک ڏيکاري، نہ تڙي پٽي . پوءِ تہ هر ڪنهن جي مٿس سَڌَ ۽ ڪاهہَ هوندي . آخر ڪنئرا ۽ نرم ڳٽڙا بہ پٽائيندي.

مطلب:

147.1 منهن جو شوخ ٿيڻ سان، جان ۽ مال جو بچاءُ آهي.
147.2 مني چشمي تي، ماڻهو، مرون پکي ۽ ماکوڙا مِڙن ٿا.
147.3 ڳڙ جي مناڻ تي ڪوليون ۽ ماکوڙا چنبڙن ٿا.
147.4 سهڻي شڪل ۽ نرم گفتي تي چڱا ڀلا هرڪجي پون ٿا.

## 148. منهن ملان جو، اکيون چور جون (ورجيس)

ملان، مذهبي پيشوا آهي، جيڪو بظاهر لتي ڪپڙي ۽ ڊيل ڊول ۾ عام ماڻهن کان مختلف نظر ايندو آهي . سندس شڪل ڏسي، منجهانئس هرڪو خدا ترسيءَ جي اميد رکندو آهي. ڪي وجهي ملان، ماڻهن جي توقعات جو غلط فائدو وٺندي، پنهنجي شيطاني خواهشن کي اڳتي ڪندا آهن. جن سببان ڏٺا وٺا ٿيندا آهن.

مطلب:

148.1 جنهن ماڻهوءَ جو ظاهر ۽ باطن هڪجهڙو نه هجي، تنهن لاءِ ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.
148.2 ڪٽڪ ڏيکاري، جوَ وڪٽندڙ.
148.3 منهن ۾ ملان، اندر ۾ ابليس.
148.4 منهن ۾ موسىٰ، اندر ۾ ابليس.
148.5 منهن مور جو، اکيون چور جون.
148.6 منهن ۾ ملان، چنگهن ۾ ڪوسو.
148.7 پيڻيو: مک ۾ رام، بغل ۾ ڇري.

## 149. موت نه پڇي مائٽي، نه پڇي ٽٽ نه وار (چوڻي)

موت جو ذائقو هرهڪ ساهدار کي چکڻو آهي . ڪال ايندو ته اچي ڪڙڪندو . نه ان جي ڪنهن سان مائٽي آهي جو لحاظ ڪري، نه ئي وري ڪنهن کي تاريخ ڏئي ايندو . ڪنهن به وقت مٿان اچي ڪڙڪندو . تنهن ڪري سندس اچڻ کان اڳي تياري ڪري وٺجي . جواني ۽ ٻڍائپ تي ناهي . ڌڻيءَ جي مرضي آهي ، جڏهن به جنهن کي وٺيس تنهنکي گهرائي. موت جو ٻولايو پيو آهي، نئين سر ٻولائي يا وقفو / وٿي ڏئي نه ايندو. پوري وقت تي اچي ڪنڌ تي ڪڙڪو ڪندو.

مطلب:

149.1 موت جي اڳواٽ تياري ڪري ڇڏجي. قرض لاهي ڇڏجن، حق حقدارن کي ۽ مال وارثن ۾ ورهائي ڇڏجي.
149.2 ٻک نه پڇي ڳنڊڻ، ننڊ نه پڇي اوڇڻ.
149.3 Death keeps no calendar.

## 150. نانا نورا، ليکا پورا (تڪبند ورجيس)

نوري نالي، ڪنهن جي ناني کي هر شيءِ ۾ هٿ وجهڻ ۽ معاملي ۾ ٽنگ اڙائڻ جي عادت هئي . جيستائين ڪنهن معاملي ۾ پنهنجي عقل سارو چرخو نه ڦيرائيندو هيو تيستين مزو نه ايندو هيس . وري تيستائين هٿ نه ڪڍندو هيس، جيستائين ان جو ليکو نه لاهي.

مطلب:

150.1 حرڪتي ٻار، جيڪو گهر جي جنهن ٽپڙ پويان پوي ۽ سندس ستياناس ڪرڻ کان اڳ جان نہ ڇڏي، اهڙي ٻار کي اهڙي نقصان ڪرڻ کان پوءِ ٺوڪ طور ائين چئبو آهي، ”تنهنجي هٿ ۾ آهي چنچر، جيسين شيءَ جو خاتمو نہ ڪرين تيسين ٽڪاءُ نہ اچئي. هاٿي تہ پچر ڇڏ. نانا نورا، ليڪا پورا.“

150.2 دادا ڏورا، ليڪا پورا.

150.3 داد اڏورا، ليڪا پورا.

## 151. نڪا گهٽ گهوٽ ۾، نڪا ڪمي منجھ ڪنوار (ورجيس)

ٻہ ڏاڍيون ڏريون پاڻ ۾ جهيڙو ڪن ۽ نبرن نہ ، تہ پوءِ ٻيا ٻہ سندن معاملي ۾ ڪين پون . هڪڙي هيٺي هجي تہ ان جي ڏر ٽين يا ڏاڍيءَ کي اڻ -ڏريو تي نصيحت ڪن. هتي ٻئي هڪ-ڪريون، ڏاڍ مڙسيءَ ۽ لنگهائپ تي گامزن آهن . تنهنڪري ڪنهن هڪ کي ٻہ ڪير نہ چوي.

مطلب:

151.1 گهٽ هڪ ڌر ۾ ناهي، ٻئي هڪ ٻئي کان ٻہ ٽڪا زور آهن.

151.2 ٻن ڏاڍن جي معاملي ۾ پوڻ کان لنوائڻ وارا، دليل طور ائين مثال ڏئي جان ڇڏائيندا آهن .

## 152. نڪ نہ ناسان، سنگهان ڇا سان؟ (ورجيس)

نڪ يا ناس جو هجڻ، حياداريءَ جو دليل هوندو آهي . جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي هڪڙا پاڻ وٽ اچڻ کان روڪين ۽ هو تڏهن بہ نہ مڙي ۽ وري وٽن اچي تہ ڪيس چوندا آهن: ”توکي تہ نڪ ئي ناهي. وري آيو آهين!“ يا ”نڪ هجئي ها تہ وجي ڪٿي ٻڏي مرين ها .“ يا چوندا آهن ؛ ”فلاڻي کي تہ لوسڻ جو نڪ آهي . جيڏو وڃينس اوڏو وڌيو اچيس.“

مطلب:

152.1 جنهن کي حياداري نہ هجي ، تنهن لاءِ نڪ ۽ ناس نہ هجڻ جي تمثيل جوڙيندا آهن.

152.2 ليپس ڪاڙهي پائي بہ نہ، وتي ٿو وڏا خرچ ڪندو. نڪ نہ ناسان، سنگهي ڇاسان؟“

152.3 نڪ نہ ناس، وچان ئي ٻي واس/ واٽ.

152.4 فلاڻي کي ڪو نندو وڏو آهي ڪونہ جو جهليس. نہ ئي وري نوس پتو/ نڪ پتو اٽس جو رڪجي پوي.

152.5 نڪ نہ ناسان، سنگهہ ان ڇا سان؟

## 153. ننڍڙا ٻار، گلي جا هار (چوٽي)

ننڍڙو ٻار، وڏڙن لاءِ وندر ۽ ورونهن آهي. ٻار کي وڏا پرپائين ۽ پرچائين ٿا تہ ننڍڙا ٻار وري ٻيڙن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي جڏهن جهولن ٿا تڏهن سرچندي ٻيڙا محسوس ڪن ٿا تہ جڻ سندن ڳچيءَ ۾ سون چانديءَ کان وڌ قيمتي هار پيل آهن.

ٻارن کان سواءِ گهر ٻُسو ۽ اوطاق وانگر لڳندو آهي . ننڍڙا، فرشتن وانگر معصوم، چالاڪين ۽ خود غرضين کان پاڪ هوندا آهن. ٻاتڙين ٻولين سان گرهست جيون جي باغيچي کي سرڳ ڌام بڻائي ٿا ڇڏين.

مطلب:

153.1 ٻار، هينئين جا ٺار آهن.

153.2 ٻار، آئنده جا ابا ۽ مستقبل جا وارث آهن.

## 154. نندي مري نہ ماءُ، وڏي مري نہ جوءِ (چوٽي)

لاڏ ڪوڏ سان پالڻ، ماءُ ڪان پوءِ دنگ آهي. ٻالڪ اوستا ۾ جيئن ماءُ انگل آرا سهي ٿي ۽ ٻڪ ڏڪ تي پيٽ مان ڪڍي ٻہ پالي ٿي يا پاڻ تي سهي ٻچي ڪي ڪوسو واءُ لڳڻ نہ ٿي ڏئي، تيئن ڪا بہ نہ ٿي ڪري سگهي . جنهن ڪان قدرت ڪچيءَ ۾ ماءُ جو سايو هٽائي ڇڏيو، ماءُ جو قدر تنهن ڪان پڇو ! ڪيئن نہ نڌڪو ٿي پليو آ ! پيءُ ماءُ ملڻ وري محال آهي.

ٻيائپ ۾ مرد ڪي، ساٿيءَ /همدرد جي سخت /اشد ضرورت آهي، جيڪو قدرت زال جي صورت ۾ مهيا ڪيو آهي. ان ساٿ ڇڏيو، جڻ زمين پيرن هيٺان نڪري وئي . گهڙي پل بہ جالڻ اهنجو ٿي وڃي ٿو . چو جو ان عمر ۾ ڪيس ٻي زال ملڻ محال آهي.

**مطلب:**

154.1 اهڙيءَ طرح نوجوان عورت جو مڙس مئو تہ جڻ جهان ئي مري ويو. رڳو جهٽڪن ۽ سهمن ۾ پئي گذاريندي. طعنن تنڪن جي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿئي ٿي . ٻيو مڙس مليس تہ بہ پهرئين جهڙي آسيس منجهانئس نہ ملنديس.

154.2 نندڙي مري نہ ماءُ، ٻيڙي مري نہ جوءِ،
ڪنت ڇُڙيلي نامري، متان جهٽڪ وهيئي هوءِ.

## 155. نئين ڪرهار نَوَ ڏينهن، چندي ڦوڪي ڦهُ ڏينهن،
## يارهون ڏينهن پيس، عزت مانُ ويس (چوٽي/ پهاڪو) .

نئين جاءِ تي وڃڻ وارو، نئين ماحول ۾ پاڻ ڪي اوپرو اوپرو پيو محسوس ڪندو آهي . حجاب ۽ موشو گهٽو هوندو اٿس. مهمان هجي يا نئين پرٽيل ڪنوار هجي . مهمان ڪي تہ ٻہ چار گهڙيون ترسي هليو وڃڻو آهي پر ڪنوار ڪي تہ باقي زندگي مڙس جي گهر ۾ گذارڻي آهي . تنهن ڪري سندس نئين هجڻ جو وقت ٿورو آهي پوءِ يڪدم گهر ياتين سان هري مري، آخر گهر جي نوڪرياڻي پوءِ مالڪياڻي ٿيو ويهيو رهي.

**مطلب:**

155.1 نخرو، گهٽو وقت نہ ٿو هلي.

155.2 ڪهنبي جو چٽڪو، چار ڏينهن.

## 156. نياڻي نماڻي؛ گهر جي راڻي (چوٽي )

نياڻي؛ نماڻي ٿيندي آهي. پٽ جي ڀيٽ ۾ سٻاجهڙي، ڇئي وان، فرمانبردار ۽ سهپ واري . ڪيڏو بہ ستايُس، وات مان ٻڙڪ نہ ڪڇندي. پنهنجي منهن پئي جهجندي، ورندي نہ ڏيندي. انهيءَ سپاءَ سبب گهر جي ياتين جون دليون جيتي، گهر جي راڻي لڳي پئي هوندي آ هي. هر هڪ سندس خيال ڪندو آهي . سندس هر چاهنا سِرَ اکين تي رکندو آهي.

**مطلب:**

156.1 نياڻين جو گهر جي سونهن/رونق ۾ وڏو حصو آهي.

156.2 نياڻيون، گهر ڪي جنت بڻائين ٿيون. گهر ڪي جرڪائي، صاف سترو رکي، من موهيندڙ ڪري ڇڏين ٿيون.

## 157. نيت بد، روٽي رد (چوٽي)

عملن جو دارومدار نيت تي آهي. جنهن ماڻهوءَ، ٻئي سان بد-نيتي ڪري ڪو معاملو ڪيو، پوءِ اڳلي کي ڀلي ان جي خبر نہ بہ پوي، تڏهن بہ بد-نيتي ڪرڻ واري کي موت ۾ نقصان ضرور رسندو.

بد-نيت ماڻهوءَ کي، پنهنجي نيت هر هر پئي هُرهُر ڪندي. قرار نہ هوندس. بيچينيءَ سببان پاڻ کي پيو اگهاڙو ڪندو. پوءِ هوندس تہ جي سر تي ٻري آئي تہ روٽي پاٽي حرام ٿي ويندو.

مطلب:

157.1 نيت آهي نانگ، ڪوٽن کي ٿي ڪائي.

157.2 جنهن جي نيت بد، تنهن جي روٽي ئي رد.

157.3 جيڪو ڪڏ ٻئي لاءِ ڪٽي، سو پاڻ ضرور پوي.

157.4 پيٽيو: چور جي ماءُ، ڪنڊ ۾ روئي.

## 158. وات ڪائي، اک لڄائي (چوٽي)

ڪنهن جي بہ گهر ۾ وڃي ڪا شيءِ کائڻ تہ سولي آهي. جڏهن اهو اچي ۽ سندس خاطر مدارت ساڳي نہ ٿئي تہ شرمساري ٿيندي آهي. چو جو اُتي کائڻ لاءِ وات تہ کائي ويو، هتي اک ملائڻ ملائي نہ سگهبي آهي .

مطلب:

158.1 ڪير ٿورو ڪري تہ جلد ان جو ٿورو لاهجي.

158.2 هڪڙن عضون/ ڀاتين جي ڪيل ڪٽن ڪمن سبب، ٻيا عضوا/ڀاتي لوڙين ٿا.

## 159. وار نہ ونگو، ڏينهن نہ ڏنگو(هئڻ) (اصطلاحي ورجيس)

وار ونگو ٿيڻ: تڪليف ٿيڻ، بيماري ٿيڻ.

ڏينهن ڏنگو ٿيڻ: مصيبت اچڻ.

مائرون پنهنجي ٻچڙي تان ٻلهار ويندي ون آهن . ڪين ڪوسو واءُ لڳڻ نہ ڏينديون آهن . ٻچڙي جي سر بخت جو خير گهرندي، باسون باسينديون آهن ۽ چونديون آهن: ”ٻچڙي جو وار ونگو، ڏينهن ڏنگو نہ ٿئي“.

مطلب:

159.1 رنجھ ڪنجھ نہ ٿئي.

## 160. واڻيو پنج نہ سهي، پنجاھ سهي (پهاڪو)

واڻيو: دڪاندار هر سودي ۾ پڪائي ڪندو آهي . گراهڪن سان پنجن روپين جي بہ پيو پڪائي ڪندو . پنجين روپئي جي پڪائيءَ ڪري، سودو ڪاري ڇڏيندو . آخر ۾ اها شيءِ يا وڻڻ وارو ڪير نہ هوندس يا رکئي رکئي ملھ وڃائي ويهندي آهي . پوءِ تہ پنجاھ روپيا ٽوٽ ڪائي بہ نيڪال ڪرڻي پوندس . جيڪڏهن رقم هڪ شيءِ ۾ سيڙائي ڇڏيندو ۽ اها نہ کپندس تہ دڪان جو ڪاروبار ئي ٺپ ٿي ويندس.

مطلب:

160.1 پڪو ماڻهو، ٿوري پڪائيءَ جي ڪري، وڏو نقصان ڪندو آهي.

160.2 سستا روئي بار بار، مهنگا روئي هڪ وار.

160.3 ڪنجوس، مکي چوس جي ڪاروبار ۾ برڪت نہ پوندي آهي.

### 161. وچڻ واري ڏيئڙي، ڪلڻ وارو لوڪ (پهاڪو)

شاديءَ جي موقعي تي ڪنوار ويچاري، پيڪي گهر کان جدا ٿيڻ سبب پيئي روئندي آهي . جڏهن ته گهوٽيتن سان گڏ آيل پوري جڄ پئي خوشيون ملهائيندي آهي.

**مطلب:**

161.1 ڌيءُ جي جدا ٿيڻ تي والدين ويچارن جا هيانءَ ڪاڏل هوندا آهن ۽ ٻيا ماڻهو پيا خوشي ڪندا آهن .

161.2 مروان موت، ملوڪان شڪار.

161.3 جا جاءِ جلي، هنڌ اوه ٻلي.

161.4 جتي باهه ٻري، سيڪ اتي اچي،
ڪهڙو سيڪ اچي، پاڙيوارن کي!

161.5 دردِ دل، درد آشنا داندِ.

### 162. وڏيو وياءُ، ٿيو شاهه (چوڻي)

وياءُ: ڌيءَ ڄڻ

شاهه: عقل ۾ پر، جنهن کان ٻيون عقل پرائين.

ڌيءُ جيئن وڌندي آهي، تيئن عقل ۾ پُر ٿيندي آهي . ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ پڙ ۽ لفظن محاورن استعمال ڪرڻ ۾ ماهر هوندي آهي. آخر ڪيس پنهنجي ڄاون کي ٻولي ۽ ڳالهائڻ به سيکارڻو آهي. ٻار جو پهريون استاد هئڻ سبب، ڪيس شاهه به سڏبو آهي.

**مطلب:**

162.1 عورت جي سمجهه ٻوجهه ۾ عمر سارو واڌارو اچي ٿو .

### 163. وڏو: جڏو (چوڻي)

جڏو: اکين کان معذور يا انڌو. جنگهن کان معذور يا منڊو. هٿن کان معذور يا ٽنڊو.

وڏي کي جڏي سان مشابهت ان ڪري آهي جو ٻئي هڪ هنڌ وي نا هوندا آهن ۽ ٻين تي حڪم هلائي ڪم ڪيندا آهن. پاڻ ڪم نه ڪندا آهن. وڏو ننڍين تي رعب ڪندو آهي ۽ جڏو پنهنجي ڪمزوريءَ سبب ٻين جون همدرديون حاصل ڪندو آهي ۽ نتيجي ۾ پيو حڪم هلائيندو آهي.

**مطلب:**

163.1 نڪمڻي ۽ ٽوٽيءَ ڪي، وڏو جڏو ڪري سڏيو ويندو آهي . چئبو آهي: ”وڏو جڏو ٿيو آهين پر ارڪان/لچڻ ڪونه سڌاريئہ“.

### 164. وٽن ٻور، لڳن سور (چوڻي)

بهار جي مند ۾ انب وغيره ۾ ٻور ٿيندو آهي. ٻور تي مختلف قسم جا جراثيم اچي مڙندا آهن. هوائن لڳڻ سان اهي جراثيم اڏامي اکين ۽ نڪ ذريعي ماڻهوءَ تي حملو ڪندا آهن ۽ بيماريون آڻيندا آهن . ٽپاولي ۽ اکين اٺڻ جهڙيون بيماريون عام ٿي پونديون آهن. لڳن ۾ ڪٽس تنهن کان سواءِ رهندي آهي.

**مطلب:**

164.1 وٽن ۾ ٻور لڳڻ سان، موسمي اثرات پڻ مرتب ٿيندا آهن.

### 165. ويجهو، ڪوجهو. (پهاڪو)

ويجهي رهڻ سان خوبيون ظاهر ٿين نه ٿين پر خاميون گهٽيون نروار ٿينديون آهن . ويجهي ڪان شيءِ جي سونهن، پري جي پيٽ ۾ گهٽ نظر ايندي آهي . دهل جو آواز به پري ڪان وڻندو آهي . سڪ به پري رهڻ سبب وڌندي آهي. عشق به پري رهڻ سبب قائم هوندو آهي.

مطلب:

165.1 ويجهي شيءِ جو قدر گهٽجي وڃي ٿو.

165.2 ڏوريان ڏوريان شال مَ مِلان هوت،
من اندر جا لوچ، ملڻ سان مانئي ٿئي.

165.3 ٻولت ٻولت، وڏي وقار.

165.4 جلدي جلدي اچڻ، قدر کي گهٽائي ڇڏي ٿو.

### 166. هڏ به ڏجي، هڙ به ڏجي (ورجيس)

هڪڙا ماڻهو، ٿوري مان ڪين ڇاٽندا آهن . هڪڙو ڪم ڪبو اٿن ته وري مٿان ٻيو لاڳو ڪم به ڇئي ڏيند ا آهن. جهڙوڪ هڪڙي کي ڪپڙن جي مشين سبڻ لاءِ اڌاري ڪپي. ڏيڻ ڪان پوءِ چوي؛ هاڻي مون کي رلي به سبي ڏيو.

يا هڪڙي کي گهر جي اڏاوت لاءِ لوهه ۽ سيمينٽ ڪپي . اوڌر تي اهو ڏيڻ ڪان پوءِ سوال ڪري ته مونکي ٽرئڪٽر تي گهر پهچائي ڏيو . اهڙي حالت ۾ اوڌر ڏيڻ وارو چڙي چوندس ؛ ”هڏ به ڏيون، هڙ به ڏيون، ڪٽي به ڏيون ۽ پهچائي به ڏيون!“

مطلب:

166.1 جيڪو تن من ۽ ڌن سان ڪيل ٿوري جو مان نه ڪري، تنهن کي ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.

166.2 لڏ به ڏي لڏائي به ڏي، لڏ جو لڏيندڙ به ڏي.

### 167. هڙ ئي هلاڪ (ورجيس)

هڙئي هلاڪ ٿيڻ (اصطلاح): سيڪجهه تباهه ٿيڻ.

هلاڪ ٿيڻ: ٿڪجي پوڻ.

جيڪو محنت ڪرڻ ڪان پوءِ، فائدي بدران نقصان ڏياري تنهن لاءِ ائين مثال ڏبو آهي.

مطلب:

167.1 ڍينگو ئي ڍيري (ٿيڻ).

167.2 پيٽيو: چوٽڙو ئي چٽ.

### 168. هڪ اڌ ۾، ٻيو پنڌ ۾ (ورجيس)

هڪڙا سودائي ماڻهو به ٿيندا آهن، جيڪي هڪڙو ڪم اڌ ۾ هوندي، ٻيو شروع ڪندا آهن. يڪدم ان مان به دل اُڪتائجي ويندي اٿن ته حرص/ هوس ۾ ٽيون ڪم وڃي شروع ڪندا آهن . ساهه ستي سان هڪ ڪم به پورو نه ڪند ا آهن. جنهن سببان ڪوبه ڪم مڪمل ڪري، منجهانئس جوڳو فائدو حاصل نه ڪري سگهندا آهن .

مطلب:

168.1 ڪوبہ ڪم ڪجي تہ توڙ تائين ڪجي جيئن مڪمل ٿي وڃي. هڪ اڌ ۾، ٻيو پنڌ ۾ ۽ ٽيون ڪنڌ ۾ نہ ڪجي.

### .169 هڪ هٿ چوٽيءَ ۾، ٻيو هٿ سوٽيءَ ۾ (ورجيس)

استاد شاگرد کي مار ڏيڻ وقت هڪ هٿ سان چوٽيءَ/ مٿي کان جهليندو آهي ۽ ٻئي هٿ سان ڪيس لڪڻ هڻندو آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ استاد لاءِ چئبو آهي: "وڏو ظالم آهي، سندس هڪ هٿ شاگرد جي چوٽيءَ ۾ آهي تہ ٻيو سوٽيءَ ۾ آهي. اهڙي مارٽي ماستر وٽ ٻچا ڪير پڙهائيندو. هٽي ٻارن جا عضوا ئي ڪاري وجهي".

مطلب:

169.1 ٻنهي هٿن سان موچڙا ڏيڻ.

169.2 مار ڏيڻ لاءِ لاهي پاهي بيهي رهڻ.

169.3 هر مسئلي جو حل، مار موچڙي ڏيڻ ۾ سمجهڻ واري لاءِ ائين مثال ڏبو آهي.

169.4 هڪ پير ريل ۾، ٻيو جيل ۾.

169.5 هڪ هٿ ڪير ۾، ٻيو هٿ نير ۾.

### .170 هنر واري جي گهڙي، بي هنر جي چمار (پهاڪو)

هنر وارو ماڻهو جيڪو ڪم يا ڪمائي، گهڙيءَ ۾ ڪري ٿو سا بي هنر ماڻهو، سڄي عمر ۾ بہ نہ ٿو ڪري. هنر واري وٽ گهڙي ويهڻ بہ ڀلي . ان گهڙيءَ ۾ ڪائنس ايترو ڪجهہ سکي وٺبو، جيترو جاهل کان سڄي عمر لڳائڻ سان بہ نہ سکي سگهبو.

مطلب:

170.1 هنر وارو تجي پوءِ ڀلي گهڙيءَ سوا جي عمر ملي. ان کان بهتر آهي جو گرڻي عمر ملي ۽ بي هڙ رهجي.

170.2 گدڙ جي سؤ سالہ زندگيءَ کان شينهن جي زندگيءَ جو هڪ ڏينهن بهتر آهي.

170.3 هنر واري جو هنر، بي هنر جي بيک.

170.4 هنر، نر آ.

### .171 هٽي مئڱ، ڪري سُڱ (ورجيس)

طاقتور ۽ ٻلوان ماڻهوءَ جي مُڪ ئي ڪافي هوندي آهي. ان سان ئي چڱي ڀلي کي سُڪ ڪري ڇڏيندو آهي. ماٿيلي ماءُ، انڌو ماڻهو ۽ بي عقل طاقتور، جڏهن مُڪ وهائيندا آهن، تڏهن ڪين پنهنجي مُڪ جي وزن ۽ مُڪ سهنڌڙ جي وِتَ جو اندازو نہ ٿيندو آهي. پنهنجي شڪار کي هڪ ئي مئڪ ۾ سڪ ڪري ڇڏيندا آهن.

مطلب:

171.1 اهڙو طاقتور آهي جو سندس هڪ ٺونشو ئي مخالف لاءِ ڪافي آهي.

171.2 اهڙو طاقتور جو هٽي مُڪ ڪري سُڪ (ورجيس)

### .172 يار نہ ياري، رشتہ داري (ورجيس)

هجت ٿيندي آهي يار سان، جنهن سان ياري هجي . ڪم بہ چئبو آهي ان کي، ٻئي کي نہ چئبو آهي . يا وري هجت ٿيندي آهي مائٽ يا رشتيداري سان، جنهن سان ڪو سڱ / سياڪو هجي. باقي جنهن سان ڏ نگ ڏوڪو ئي نہ هجي، تنهن پنيان لور لور يا لچ لچ ڪرڻ، پاڻ کي ڏٺو وٺو ڪرڻ جي مترادف آهي.

مطلب:

172.1 جيڪي لڳٽيءَ ٻيڙيءَ وانگر، اڻ واقفن سان ٻه ڪلهي ڳس ڪن ۽ موٽ ۾ ڪين اڳلو ڪنگهي ٻه نہ، تن لاءِ ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.

172.2 پيٽيو: مان نہ مان، مئن تيرا مهمان.

## 173. يار ياراڻي، معاملو صفا (چوڻي)

دوستي رکجي تہ نباهجي. دوستيءَ ۾ هر معاملو صاف رکجي . اٽڪي ڀٽڪي نہ ڪجي . اير ڦير ڪرڻ سان سنگت هلي نہ سگهندي. جيڪا بہ ڳالھ ڪرڻي هجي، ڪنهن طريقي سان منهن تي چئي ڏجي. نہ پنهنجي دل تي تور رکجي ۽ نہ ئي اڳلي ۾ گمان رکجي. نہ پاڻ شڪ جو شڪار ٿجي، نہ اڳلي کي گمان جي دلدل ۾ ڌڪي ڇڏجي.

مطلب:

173.1 دوستيءَ ۾ ڪنهن بہ ڳالھ جو رک رکاءُ نہ ڪجي.

173.2 سنگت ۾ سچ ڳالهائجي ۽ روبرو پر مصلحت سان.

# ڏسٽي

1. آلا نور، مٺي جا سور (ورجيس)
2. آهي ٽپين، ڪاهي نہ ٽپين (ورجيس)
3. آئي ڪي آدر، وئي ڪي پادر (ورجيس)
4. آيا يار، ملا روزگار
5. اٺ پوئتان گهنڊٽي (ورجيس)
6. اڄوڪا ٻاوا، ڪٺ جا پاوا، ڪائي ماوا، ڪن جاوا
7. اڄوڪا ساڏو، ٻہ آڱر واڏو
8. اڇي ڏاڙهي، اٿو خراب (ورجيس)
9. ادا واندا مل! پالهو مل ڪٿي مليئہ؟
10. اڌ ڪير، اڌ زنده پير (ورجيس)
11. اڳيان ويا وسري، پويان لڳا مصري
12. اگهہ ڪٿيو ڪائجي، وٺ ڪٿيو نہ ڪائجي
13. الک! ڏي ڪي ٻہ ٿي لک
14. اندر لنگهڻ، ٻاهر ڪنگهڻ (ورجيس)
15. انڌي ۾ جنڊ، ڪٿولو ۾ هنڌ، واٽيو ۾ هٺ، تارازي ۾ وٺ
16. انسان کي کپي: اڇهو، اٿو ۾ لٿو
17. اوٻاسي، ننڊ جي ماسي
18. اويلو مهمان، پٽائي پاڻ
19. اهڙو سياٽو، جهڙو جيئو ڪاٽو (ورجيس)
20. اهڙو منو، جهڙو ڪنهن نہ ڏٺو (ورجيس)
21. ايڪ ديوي، دس پاوي
22. ايڪ ناري، سدا برهمچاري
23. بار گڏه تي،هينگي ڪوتي
24. بک! وڏا ملنڊءِ سک
25. بن پئسي جو ڪيلي جوئا، آج نہ موئا تہ ڪل موئا
26. بٽي تہ بٽي، نہ تہ دال ماني گهٽي (ورجيس)
27. بيبي نندي، برقعا باري (ورجيس)
28. بينو ڪائي انُّ، پيو ڪائي ڏنُّ
29. ٻڏڻ ويو آهي وسري، لڏڻ آيو آهي ياد (ورجيس)
30. ٻڪريءَ جي ماءُ، ٻچن جو گهٽا ڏينهن خير گهرندي
31. پِتِ پيئي، وِٺِ پيئي
32. پونڪ ڪتا پونڪ، ٺُڪر ڪائي پيو پونڪ
33. ٿورو ڪر ڄٺ سان، ڄٺ ڦيري هٽئي پٺ سان
34. ٽبٽي ٽاٽي، هلي اباٽي (ورجيس)
35. ٽپڙ ئي ٽيشڻ تي (ورجيس)
36. ٺُڪر گهٺ، تہ ٻہ جوءِ وٺ
37. ٺلهو چٽو، وڃي گهٽو
38. ٺونٺ لڳي، ساهيڙي پڳي

39. پاڻ پنان، گھوڙا ڳنهان (ورجيس)
40. پر پيو، گھر ويو
41. پر-متڙيو: پڇ-ڪتريو
42. پلاه جهڙي پدمڻي، جب هڪي حاضر هوءِ،
ٻوهي وجھ پيٽ ۾، مر تہ پيٽ ڦاٽي پوءِ.
43. پنهنجو، سنهنجو
44. پنهنجو گھر، الڪ جو در
45. پئسا ئي پاڻيءَ ۾ (ورجيس)
46. پئسي بنا پرساد، ڏيئي ٻائو هريرام ڪينڪي
47. پيٽ ۾ بک، اره ۾ آڪڙ (ورجيس)
48. پيٽ ۾ نانھ روٽيان، سيئي ڳالھيان ڪوٽيان
49. جاڏي پير، تاڏي خبر
50. جڏا جيئاري، مرڪندا ماري
51. جڏهن آئي جوءِ، تڏهن گيان گوش ات ٿيوءِ
52. جندٻ ڪڻ تہ جندٻ ڳوُرو، پڙ ڪڻ تہ پڙ ڳوُرو (ورجيس)
53. جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، بک مري سوئي
54. جنهن ساھ ڏنو آهي، سو گراھ بہ ڏيندو
55. جهڙو گھر، تهڙو پر (ورجيس)
56. جهڙي چالي، تهڙي پني، هن لاهي هن کي ڏني
57. جيڏا شهر، تيڏا قهر
58. جيڪو پيئي ترو، تنهن کي تپ نہ ٿئي ٻرو
59. جيڪو مڙيو، سو جڙيو
60. جيڪو ٻن زالن جو ور، تنهن جو مساڻن ۾ گھر
61. جيڪو رسي، تنهن جو پاڳ سسي
62. جيڪي وٺيو، سو ڪٽيو
63. جيئن ٿڌ، تيئن وڌ (ورجيس)
64. ڄاٽا، ابتا ڏاٽا
65. ڄٽ ڇا ڄاڻي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان
66. ڄٽي نون رونا ياران نون، لي لي نانءَ پراوان ڄون
67. ڄٽيءَپسايو سٽ، واڻيي وڏس وٽي،
ڄٽيءَ ليکي واڻيو ڦريو، واڻيي ليکي ڄٽي.
68. جهنگ جهر جي جهرڪي، جهٽي وئي جهار
69. چريا! چيڙايانءِ! چي: “چيڙاءِ!”
70. چريءَ کي چوڙو، ڪڏهن ٻانهن ۾ ڪڏهن نڪ ۾
71. چلھ ۾ اماڙي، رنڙ کي جوءِ پياري
72. چمڙي وجي، دمڙي نہ وجي (ورجيس)
73. چوٽڙو ئي چٽ  (ورجيس)
74. چور جي ماءُ ڪندٻ ۾ روئي
75. چڙو، ٽڏو گھڙو
76. ڏک لڳي هڪڙن کي تہ روئن ٻيا،

اچن جي ٽيان تہ ڳوڙها ڳوڙيندا وڃن. ڳجهارت، پهاڪو

77. ڏڻ تہ ڏٽي، نہ تہ وڪڻ ڪٽي، وار تہ ڦٽي، نہ تہ ڪوڙاءِ ڪٽي.
78. ڏوٻي ڏوئي، مالڪ روئي
79. ڏيءُ وجهجي ڪکين، وڃي پوي لکين
80. ڏنو، ٻنو
81. ڏي ڏالي، ملئي مالي
82. ڏي ڪٽو، ملئي گهٽو
83. ڏينهن پگهارو، راتيان پارو (ورجيس)
84. ڏينهن، شينهن
85. ذرڙي جونءِ، سپ جي نُهن
86. رات رهو، صبح پنڌ پئو
87. راجا جي گهر، موتين جو ڪال
88. رام رام جپ، پرايون ڳنڍيون ڪپ
89. رام رام جپنا، پرايا مال اپنا
90. رن! پٽيانءِ ڪن
91. رن ڪراڙي، ملي مساڳ (ورجيس)
92. رهي، نہ سهي (ورجيس)
93. زالاٽي موڙي، جتي رکي اتي پوري
94. زبان آهي نيڏڙي، پر وهہ جي ڳنڍڙي
95. سانوڻ جو ستو، نہ ڪانءُ نہ ڪتو
96. سڄُ ڪٽي، يا ٻڄُ ڪٽي (ورجيس)
97. سڄُ لٽو، ٽوڪر ڊٿو
98. سچي ڳالهہ سوٽني جي، ٻيڙي ٻڏي ڪوٽي جي
99. سخي ۽ شوم جو ليکو، ٻارهين مهيني ساڳيو
100. سگهرا ڪائن ٻوڙ پلاءُ، واندين جو هڪ واهي الله
101. سڳو ٽٽو، ساهہَ ڇُٽي
102. سنپاريندي سار، وڏي ٽئيس ڄمار
103. سنجها ٽري، جوت ٻري
104. سنڌ سڌي آهي موچڙي سان
105. سوڙ جو جهيڙو، سوڙ ۾
106. سؤ ڏهون قلم لاڳو، چور چٽا پاڳيا قابو
107. سيري جي سڌ تي، ٻہ ٻہ ڪنيائون ٻار،
هڪڙي کي گپايائون گپ ۾، ٻئي کي ڪڍيائون مار،
جڏهن پئي سيري جي سنيار، تڏهن ٻہ ٻہ چپاٽون ٻار کي.
108. صلاحين ، شينهن ٻجهن
109. عقل بنا عذاب، گهٽا پسنديںءَ جندڙي
110. غريبن جي مڏي: ٻہ ڏنڊڻ ٽين تڏي
111. ڪارو، رام کي پيارو
112. ڪارو ڪاري، هڻ ڪهاڙي
113. ڪاٽو پٽ، ڪاٽائو پلو

114. ڪاٽيءَ جي وهانءَ ۾، سنڪٽ پيي گهٽا
115. ڪڪڙ ڪورين جو، نانءُ وڏيري جو. (ورجيس)
116. ڪم ڪپي، چم نہ ڪپي
117. ڪنواري بادشاهي، مڱڻي پئي ڦاهي،
پرڻي ڪان پوءِ، چلھ جو واهي.
118. ڪنو سهندو، ڏنو نہ سهندو (ورجيس)
119. ڪاءُ ساڳ، لڳئي ياڳ
120. ڪائڻ لاءِ ڪرو، ڪمائڻ لاءِ ٻرو (ورجيس)
121. ڪڏ ٽپين، اڏ نہ ٽپين (ورجيس)
122. ڪلو لڳو، هٿ پڳو
123. ڪڻ ڪلو، ٽيئي پلو
124. گهر گهنگهر، ٻار ڏينگهر
125. گهر ۾ ڪين، تہ بہ رکي گهوڙي تي زين (ورجيس)
126. گهر ويائي، چڱي ويائي
127. گهوٽ ڪنوار راضي، ڇا ڪندو ملو قاضي
128. گهوٽ چڙهيو گهوڙي، ناس پتو ٻوڙي،
سوا گهڙيءَ جي سک لاءِ، عمر پر پيو لوڙي.
129. گهوٽڻ مهل گم، چاٽڻ مهل چتا،
پيئڻ مهل جيئن مير عليمراد جا ڪتا (ورجيس)
130. لعل جي ڏات، ٻچن جي وات
131. لعلوءَ واري ڪوھ تي، جتي لڪ وهي ٿي لوٿي،
يار منهنجو آهي اڇٹو، دير ڪرڻ سان وجي نہ موٿي.
132. لڪي لعلو، واچي واڏو (ورجيس)
133. لڳو نہ لڳو، تنهنجو هَڏُ ڳُڏُ تہ پڳو (ورجيسي جملو)
134. لڳي دم، مٿي غم
135. لنڊيون لوٿيون لڪ، هڪ الله جي رڪ
136. لهي لٿاڪو، چٿي ڦٿاڪو
137. ماتا، ماري يا ڪاري
138. ماٽيلي ماءُ، پچائي ساھ
139. ماٽيلي ماءُ جي مڪ، اونهاري جي لڪ،
پوڙهي جي ٿڪ، جاتي لڳي تاتي سڪ.
140. مانو ماري، تکو تاري، سنهون ڪوتا ڳاري
141. مانِ نہ مانِ مين تيرا مهمان
142. مسلماني، بصر ماني
143. مڙس تہ ڦڏو، نہ تہ جڏو
144. مڙس مڱيو تہ سنگت ڪان ويو،
جوان پرڻيو تہ مٽن مائٽن ڪان ويو،
ٻڍي ڄايس ٻار تہ پاڻ ڪان ويو.
145. مڙس هيٺو هيٺو، تہ بہ زال ڪان ٻيٺو
146. مڪ ۾ رام، بغل ۾ ڇري (ورجيس)

147. منهن-ڪنئري، ڳٽا پٽائي
148. منهن ملان جو، اکيون چور جون (ورجيس)
149. موت نہ پڇي مائٽي، نہ پڇي تٽ نہ وار
150. نانا نورا، ليکا پورا (تڪبند ورجيس)
151. نڪا گهٽ گهوٽ ۾، نڪا ڪمي منجهہ ڪنوار (ورجيس)
152. نڪ نہ ناسان، سنگهان چا سان؟ (ورجيس)
153. ننيڙا ٻار، گلي جا هار
154. ننڍي مري نہ ماءُ، وڏي مري نہ جوءِ
155. نئين ڪنوار نو ڏينهن، چنڊي ڦوڪي ڏهہ ڏينهن،
يارهون ڏينهن پيس، عزت مانُ ويس.
156. نياٽي نماٽي، گهر جي راٽي
157. نيت بد، روٽي رد
158. وات کائي، اک لڄائي
159. وار نہ ونگو، ڏينهن نہ ڏنگو (ورجيس)
160. واٽيو پنج سهي، پنجاه نہ سهي
161. وڄڻ واري ڊيئڙي، ڪلڻ وارو لوڪ
162. وڏيو وياءُ، ٽيو شاهہ
163. وڏو، جڏو
164. وٽن ٻور، لڳن سور
165. ويجهو، ڪوجهو
166. هڏ بہ ڏجي، هڙ بہ ڏجي (ورجيس)
167. هڙ ئي هلاڪ (ورجيس)
168. هڪ اڌ ۾، ٻيو پنڌ ۾ (ورجيس)
169. هڪ هٿ چوٽيءَ ۾، ٻيو هٿ سوٽيءَ ۾ (ورجيس)
170. هنر واري جي گهڙي، بي هنر جي چمار
171. هٽي مڪ، ڪري سڪ (ورجيس)
172. يار نہ ياري، رشتہ داري (ورجيس)
173. يار ياراٽي، معاملو صفا